THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) اگارو 20 آڪٽوبر 2026 ع 08 جمادي الاول 1448ھ صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (66)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Tuesday 20th October 2026
Daily Ibrat Karachi

قلات ۽ پسني ۾ سيڪيورٽي فورسز جو فتنه الهندستان خلاف آپريشن،ميجر وجاهت شهيد،4 دهشتگرد مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز قلات ۽ گوادر ۾ ڀارتي سرپرستي ۾ ڪم ڪندڙ گروه "فتنه الهندستان" جي 4 دهشتگردن کي جهنم پيڙو ڪري ڇڏيو

شديد فائرنگ جي ڏي وٺ کان پوءِ 4 دهشتگردن کي جهنم حوالي ڪيو. ان دوران وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ گولا بارود به هٿ ڪيو ويو؛ آءِ ايس پي آر

ڌرتي جي بهادر سپوت ميجر وجاهت وحيد فرض جي راهه ۾ عظيم قرباني ڏيندي شهادت ماڻي، سينيٽائيزيشن آپريشن جاري رهندو

نيشنل ايڪشن پلان جي فيڊرل ايپڪس ڪميٽي جي منظور ڪيل ويزن عزم استحڪام تحت دهشتگردي جي روڪٿام جي مسلسل مهم پوري قوت سان جاري رهندي

سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ملڪ مان پرڏيهي سرپرستي ۽ مدد ڏيندڙ دهشتگردي جي لعنت جون پاڙون پٽڻ لاءِ پرعزم آهن

راولپنڊي(اي پي پي)سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعي قلات ۽ گوادر ۾ موثر انٽيليجنس بيسڊ آپريشن دوران ڀارتي سرپرستي ۾ ڪم ڪندڙ گروه "فتنه الهندستان" جي 4 دهشتگردن کي جهنم پيڙو ڪري ڇڏيو جڏهن ته پسني ۾ آپريشن دوران ديسي طور تيار ڪيل ڌماڪيدار مادي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

نهر خيام رٽا جي ماحولياتي مقصدن کي يقيني بڻايو وڃي: آصف حيدر شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ نهر خيام منصوبي بابت جائزي وارو بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ڊولپمينٽ اڪنامڪس ۾ پاڪستان سوسائٽي آف اڪنامسٽس جي 39هين ساليانی ڪانفرنس

اهڙو معاشي نظام جوڙڻو پوندو جيڪو پنهنجي خوشحالي جا وسيلا پاڻ پيدا ڪري: احسن اقبال

مشن 100 ارب ڊالرز اڏام پاڪستان تحت 8 ترجيحي شعبن ۽ ڪلسٽرز جي بنياد تي ترقي ۽ عالمي سپلاءِ چينز سان مضبوط رابطا قائم ڪرڻا پوندا

روانگي واپار کي وڌائڻ لاءِ زراعت،صنعت،مينيوفيڪچرنگ،خدمتن،انفارميشن ٽيڪنالاجي، هرمندي،سامونڊي معيشت ۽ تخليقي صنعتن تي ڌيان ڏنو ويندو

معاشي استحڪام برقرار رکندي پيداواري صلاحيت ۽ عالمي مارڪيٽن ۾ مقابلي وڌائڻ سان پرڏيهي ادائگين جي دٻاءَ تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو

ڪلسٽرز جي رٿابندي خريدارن جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي ،عالمي مارڪيٽن ۾ دستياب موقعن سان هم آهنگ ڪرڻ گهرجي

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال روانگي واپار 100 ارب ڊالر تائين پهچائڻ لاءِ مشن 100 ارب ڊالرز حڪمت عملي تي عمل ڪندي چيو آهي، بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ فيڊرل بورڊ آف روينيو جي ڪارڪردگي بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

مواصلات واري وفاقي وزير پاران ميجر وجاهت وحيد جي شهادت تي افسوس جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) مواصلات واري وفاقي وزير عبدالعليم خان پسني ڌماڪي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: جسٽس سيد حسن اظهر رضوي آئيني عدالت جي وقتي چيف جسٽس جو حلف کڻي رهيو آهي

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر پاران سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

ميجر وجاهت وحيد جي قيمتي حياتي جي نقصان تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار

شهيد ميجر وجاهت وحيد وطن لاءِ جان جو نذرانو پيش ڪيو: سردار اياز صادق

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق بلوچستان ۾ فتنه الهندستان جي دهشتگردن خلاف ڪامياب بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ميجر وجاهت وحيد جي شهادت وطن جي دفاع ۽ امن لاءِ عظيم قرباني آهي: بلاول ڀٽو

بلوچستان ۾ دهشتگردي خلاف سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون قوم لاءِ فخر جو سبب آهن

دهشتگردي جي خاتمي ۽ ملڪ ۾ پائيدار امن جي قيام لاءِ قومي عزم پختو آهي، 4 دهشتگردن جو مارجڻ فورسز جي صلاحيتن جو مظهر آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف ڪارروائي دوران ميجر وجاهت وحيد جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

چين: جي ڊي پي ۾ 9 مهينن دوران 4.6 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ

شروعاتي ٽن ٽه ماهين ۾ چين جي جي ڊي پي 107.1071 ٽرلين يوآن تائين پهچي وئي

بيجنگ(اي پي پي) هلندڙ سال جي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

چين ۾ تيار ڪيل پهريون مقامي ساخت جو هڪ لک ڪاريز تي ٻڌل اي آءِ سپر ڪلسٽر عام شهرين لاءِ پيش ڪيو ويو

بيجنگ (اي پي پي) چين ۾ هلندڙ سال تيار ڪيل پهريون مقامي ساخت جو هڪ لک ڪاريز تي ٻڌل اي آءِ سپر ڪلسٽر بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

دوشنبي: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار تاجڪستان جي وزيراعظم ڪوهير رسول زاده سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

سرڪاري حج اسڪيم جي حج بقاياڻن جي ٻي قسط جي ادائگي (اڄ)تائين مڪمل ڪئي وڃي: مذهبي معاملن واري وزارت

اسلام آباد (اي پي پي) مذهبي معاملن واري وزارت جي ترجمان چيو آهي، ته سرڪاري حج اسڪيم جي حج بقاياڻن جي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي گهرو وزير پاران ڪراچي ۾ ڏوهاري عنصرن خلاف ڪارروائين ۾ تيزي آڻڻ جي هدايت

سنڌ جي گهرو ۽ وزير قانون ضياءُ الحسن لنجار جي صدارت هيٺ ڪراچي ۾ امن امان جي مجموعي صورتحال بابت اجلاس ٿيو

ڦر ۽ ڌاڙن جي وارداتن جي روڪٿام، پوليس جي ڪارڪردگي ۽ ڏوهاري عنصرن خلاف جاري ڪارروائين تي غور ويچار ڪيو ويو

امن امان ۽ شهرين جي تحفظ لاءِ موجود سمورا وسيلا ڪتب آڻيندي ڏوهاري عنصرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروايون جاري رکيون وڃن: ضياءُ الحسن لنجار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو ۽ قانون واري وزير ضياءُ الحسن لنجار جي صدارت هيٺ ڪراچي ۾ امن امان جي مجموعي صورتحال ۽ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ پوليس جي قدمن جو جائزو وٺڻ بابت بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ميجر وجاهت وحيد حب الوطني جو لازوال مثال قائم ڪيو: طارق فضل چوڌري

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن بابت وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌريءَ ميجر وجاهت وحيد شهيد کي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

اسرائيل آمريڪا کي هڪ ٻي جنگ ڏانهن ڌڪي رهيو آهي: ايران

رويي ۾ تبديلي نه آئي ته آمريڪا ۽ اسرائيل گڏجي معاملو ختم ڪري ڇڏيندا

ڇا توهان ٻيهر پنهنجي قسمت آزمائڻ چاهيو ٿا؟ ضرور آزمايو پر محتاط رهو

تهران(اي پي پي) ايران چيو آهي ته اسرائيل آمريڪا کي هڪ ٻي جنگ ڏانهن ڌڪي رهيو آهي پر بهتر آهي ته هو محتاط رهي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي پهرين تاريخي چرچ ڪرائيسٽ چرچ ڪوٽڙي خانپور جي بحالي ۽ تحفظ بابت

ڪوٽڙيءَ جي تاريخي چرچ جي بحالي مذهبي پائيچاري ۽ رواداريءَ جو اهم مثال آهي: ذوالفقار شاهه

سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي، جتي محبت، امن، برداشت ۽ مذهبي پائيچاري جو درس ملي ٿو: صوبائي وزير

اسان جي ڪوشش آهي ته سنڌ ۾ موجود تاريخي عمارتن ۽ عبادتگاهن کي اصل حالت ۾ بحال ڪري محفوظ بڻايون

تاريخي چرچ جي بحالي اهم قدم آهي،ان جي تحفظ ۽ بحاليءَ سان سنڌ جي تاريخي ۽ مذهبي ورثي کي محفوظ بڻائڻ ۾ مدد ملندي: اينٿوني نويد

ڪوٽڙي سائيٽ(ن ع)ڪوٽڙيءَ جي تاريخي ڪرائيسٽ چرچ جي بحاليءَ واري تقريب،صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي ڊپٽي اسپيڪر اينٿوني نويد جي شرڪت،سنڌ جي پهرين بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي: صوبائي وزير ذوالفقار شاهه ۽ ڊپٽي اسپيڪر اينٿوني نويد سنڌ جي قديم چرچ جي بحالي واري تقريب ۾ شريڪ آهن

وقتي گورنر اويس قادر شاهه سان پرتگال جي سفير جي ملاقات

پرتگال جي سفير کي سنڌ جي اهم شهرن خاص طور سکر جو دورو ڪرڻ جي دعوت

ٻطرفي لاڳاپن، پارلياماني سهڪار، واپار، سيڙپڪاري، سياحت، ثقافتي مٽاسٽا تي ڳالهيون

وقتي گورنر پرتگال جي سفير کي يادگار شيلڊ، سنڌي ثقافتي ٽوپي ۽ اجرڪ پيش ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وقتي گورنر سيد اويس قادر شاهه سان پاڪستان ۾ پرتگال جي سفير پائولو ميگوئل گيڊيز ڊومنگيش، سنڌ اسيمبليءَ ۾ ملاقات ڪئي، جنهن دوران پاڪستان ۽ پرتگال وچ بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير پاران ميجر وجاهت شهيد کي خراج عقيدت پيش

قلات ۽ پسني ۾ خوارجين خلاف ڪامياب آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز جي واکاڻ

شهيد ميجر وجاهت اسان جي دلين ۾ هميشه زنده رهندو: وفاقي وزير محسن نقوي

اسلام آباد (اي پي پي)گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي قلات ۽ پسني ۾ خوارجين خلاف ڪامياب آپريشن تي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڊيرا غازي خان: وفاقي وزير اويس لغاري سردار فاروق لغاري ايئرپورٽ جي واڌاري بابت اجلاس ۾ ڳالهائي رهيو آهي

چين جي ڪمپني پاران سنڌ ۾ قومي شاهراهه اين-فائيو جي بحالي جو ڪم ڪرڻ جو اعلان

اسلام آباد(اي پي پي)چائنا اسٽيٽ ڪنسٽرڪشن انجنيئرنگ ڪارپوريشن لميٽيڊ کي سنڌ ۾ قومي شاهراهه اين فائيو بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

روس جي صدر پاران يوڪرين جنگ جي خاتمي لاءِ آمريڪا ۽ چين جي هم منصبن سان سربراهي اجلاس جي تجويز

ماسڪو(اي پي پي) روس جي صدر ولاديمير پيوٽن يوڪرين جنگ جي خاتمي لاءِ آمريڪا ۽ چين جي هم منصبن ڊونلڊ بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

اولهندي ڪناري ۾ اسرائيلي فوج ۽ آبادڪارن جي دهشتگردي سنگين صورتحال جو سبب بڻجي سگهي ٿي: فلسطيني اٿارٽي

راملا بيت المقدس (اي پي پي) فلسطيني اٿارٽي فلسطينين تي اسرائيلي آبادڪارن بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

سريلنڪا ۾ ٽريفڪ حادثو، 4 ڄڻا فوت، ڪيترائي زخمي

ڪولمبو (اي پي پي) سريلنڪا جي رچين ضلعي ڪينڊي ۾ ٽريفڪ حادثي ۾ 4 ماڻهو فوت ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا آهن بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

شهرين کي دهشتگردن جي رحم ڪرم تي ڇڏي نٿو سگهجي، پيپلزپارٽي دهشتگردي خلاف وڏي قيمت ادا ڪئي آهي: شرجيل ميمڻ

پيپلز پارٽي کي اقتدار جي بُک ناهي ۽ نه ئي پنهنجن اصولن تي سمجهوتو ڪندي: سنڌ حڪومت

خيبر پختونخوا ۾ کنيل قدم، نه ڪنهن لالچ هيٺ کنيو ويو ۽ نه ئي اقتدار جي هوس ۾. کنيو ويو آئين هجي ها ته گورنر طرفان مقرر ڪيل صلاحڪار سياسي نمائندا هجن ها، چونڊ ميرٽ جي بنياد تي ڪئي وئي آهي

ڪي پي ڪي ۾ سڀ کان وڏو چئلينج دهشتگردي آهي، نه رڳو حڪومت، پر عوام ۽ سڄو ملڪ متاثر ٿي رهيو آهي، افغانستان کان سرحد پار ڪري دهشتگردن جي پاڪستان ۾ داخل ٿيڻ به هڪ وڏو چئلينج آهي

ڪجهه ماڻهو بلوچستان ۾ دهشتگرديءَ جا مثال ڏين ٿا، پر اتي جي حڪومت دهشتگرديءَ خلاف ڪارروايون ڪري رهي آهي. پوليس اهلڪار شهيد ٿي رهيا آهن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا دهشتگردن خلاف قدم کڻي پيا

ڪراچي ۾ پڻ هڪ وقت دهشتگردي عروج تي هئي پر سنڌ حڪومت آپريشن ڪيا، رينجرز ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي مدد حاصل ڪئي ۽ دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ عملي قدم کنيا، اڄ صورتحال بهتر آهي

دهشتگردن لاءِ نرم گوشو رکڻ يا انهن جا دفتر کولڻ جون ڳالهيون ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهن، پيپلز پارٽي تي تنقيد ڪندڙن کي ياد رکڻ گهرجي ته اسان جي جماعت هميشه ان خلاف عملي جدوجهد ڪئي آهي

جمهوري انداز ۾ معاملن کي اڳتي وڌائي رهيا آهيون، صحت، تعليم، ٽرانسپورٽ، بلديات ۽ مڪاني حڪومتن جي نظام سميت سمورن شعبن ۾ عوام جي زندگي آسان بڻائڻ ۽ بهتريءَ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن

سنڌ حڪومت جي ڪوشش آهي ته ايندڙ ڇهن کان اٺن مهينن دوران صوبي جي سمورن ضلعن ۾ روڊن جي تعمير جو ڪم شروع ڪيو وڃي، جيئن هر علائقي جي عوام کي بهتر سفري سهولتون فراهم ٿي سگهن: ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي/راهب ڳاهو) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ گرين لائين بي آر ٽي جي آپريشنز ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر جو دورو ڪيو جتي گرين لائين بي آر ٽي نظام جي مختلف پاسن بشمول ٽرانسپورٽ منصوبن سان انضمام، مسافرن جي تعداد ۽ مجموعي ڪارڪردگيءَ بابت بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي چار چڪرو لينڊ فل سائيٽ بابت بريفنگ ڏني پئي وڃي، صوبائي وزير ناصر شاهه سعيد غني ۽ ميئر مرتضيٰ وهاب موجود آهن

وڏي وزير سنڌ جي پهرين سينيٽري انجنيئرڊ لينڊ فل منصوبي جي پهرين مرحلي جو افتتاح ڪري ڇڏيو

سينيٽري انجنيئرڊ لينڊ فل رٿا جو مقصد نيڪالي نظام کي جديد بنائڻ آهي: سيد مراد علي شاهه

ورلڊ بينڪ جي مالي ۽ ٽيڪنيڪي مدد سان لاڳو ٿيندڙ هن منصوبي جي لاڳت 10 ڪروڙ 50 لک ڊالر آهي

روايتي طور تي ڪچرو اڇلائڻ سان ڀرپاسي جو ماحول آلوده ٿي سگهي ٿو ۽ مختلف بيمارين لاءِ سازگار حالتون پيدا ٿي سگهن ٿيون

حڪومت شهرين کي درپيش بنيادي ڍانچي جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ رستن جي بحاليءَ کي مقرر وقت ۾ يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي

چار چڪرو تي پنهنجي دوري دوران وڏي وزير لينڊ فل سائيٽ جو معائنو ڪيو، تعميراتي اڳڀرائي ۽ آپريشنل انتظامن جو جائزو ورتو

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سومر ڏينهن چار چڪرو تي سنڌ جي پهرين سينيٽري انجنيئرڊ لينڊ فل منصوبي جي پهرين مرحلي جو افتتاح ڪري ڇڏيو جيڪو بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

عورتن جي ڇاتي جي ڪينسر بابت درست معلومات فراهم ڪرڻ گهرجي: بلاول ڀٽو

ڪينسر جي وقت سر معائني جي ترغيب ڏيڻ سان گڏ کين مڪمل آگاهي ڏني وڃي

عورتن جي ضرورتن کي طبي منصوبه بندي ۾ مرڪزي اهميت ڏيڻي پوندي

اسلام آباد(اي پي پي)پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي، ته عورتن کي ڇاتي جي ڪينسر بابت بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ سيمينٽ جي ريٽيل قيمت ۾ گذريل هفتي معمولي اضافو رڪارڊ

اسلام آباد(اي پي پي) ملڪ ۾ سيمينٽ جي ريٽيل قيمت ۾ گذريل هفتي دوران بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

گاڏين جي خريداري لاءِ بئنڪن جي قرضن ۾ ساليانو بنياد تي 33.6 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ

اسلام آباد(اي پي پي) ملڪ ۾ گاڏين جي خريداري لاءِ بئنڪن طرفان فراهم بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

خدمتن جي روانگي واپار ۾ شروعاتي ٽه ماهي دوران 23 سيڪڙو جي واڌ رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) خدمتن جي روانگي واپار ۾ جاري مالي سال جي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي قيمتن ۾ گهٽتائي

سون ۽ چاندي ۾ اضافو، زرعي جنسن ۾ گذريل رجحان رڪارڊ

چوپائي مال جي قيمت 1.10 ڊالر جي اضافي سان 228.35 ڊالر في يونٽ تي وئي

اسلام آباد(اي پي پي)عالمي مارڪيٽ ۾ سومر تي ڪچي تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي، سون ۽ چاندي ۾ اضافو ۽ زرعي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

روس ۽ يوڪرين وچ ۾ جنگ جي خاتمي لاءِ ڳالهيون ڪري رهيو آهيان: ڊونلڊ ٽرمپ

ڪنهن غير دانشمندانه قدم ذريعي روس کي ڳالهين جي ميز کان پري نه ڪرڻ گهرجي

روس جي صدر ولاديمير پيوٽن سان هم آهنگي اختيار ڪرڻ هڪ تاريخي غلطي هوندي

واشنگٽن(اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته روس تي مختلف پابنديون ڪي معطل ڪرڻ جو فيصلو ان کي امن بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ميڪڊونلڊ ۽ چيني ڪمپني اسٽار چارج وچ ۾ معاهدي تي صحيحون وقت ڪمپنين جا عملدار وفاقي وزير رانا تنوير سان گڏ بيٺل آهن

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڏينهن جي شروعات تي تيزي

100 انڊيڪس 104.78 پوائنٽس سان وڌي هڪ لک 66 هزار 524 پوائنٽس تي پهچي ويو

شروعاتي سيشن دوران مجموعي طور تي 12 ڪروڙ 91 لک 50 هزار شيئرز جو ڪاروبار ٿيو

اسلام آباد (اي پي پي)پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ سومر جي شروعات تي تيزي جو رجحان رهيو ۽ ڪي ايس اي 100 بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

جسٽس حسن اظهر رضوي وفاقي آئيني عدالت جي وقتي چيف جسٽس جو حلف کڻي ورتو

اسلام آباد (اي پي پي)جسٽس سيد حسن اظهر رضوي وفاقي آئيني عدالت پاڪستان جي وقتي چيف جسٽس جي حيثيت سان بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

گورنر خيبر پختونخوا پاران قلات ۽ گوادر ۾ 4 دهشتگردن جي مارجڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

پشاور (اي پي پي) خيبر پختونخواهه جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي سومر تي قلات بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ملتان بوسڻ روڊ تي تيز رفتار ڪار حادثو، 5 ڄڻا فوت

تيز رفتار ڪار ڊرائيور جي ضابطي مان نڪري هڪ وڻ ۾ وڃي لڳي

حادثي جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار 5 ڄڻا موقعي تي فوت ٿي ويا، پوليس پاران جاچ شروع

ملتان (اي پي پي) ملتان ۾ بوسڻ روڊ تي تيز رفتار ڪار حادثي ۾ 5 ماڻهو فوت ٿي ويا آهن ريسڪيو 1122 مطابق افسوسناڪ بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

فرانس جي صدر، گهرو وزير جي استعيفيٰ رد ڪري ڇڏي

لوران نونيز کي پنهنجي عهدي تي برقرار رهي ڪم ڪرڻ گهرجي: صدر

ڏاهر ڪندڙ ماڻهن کي منهن ڏيڻ لاءِ جلد نئين حڪمت عملي ۽ قدم کڻڻ گهرجن

پيرس(اي پي پي)فرانس جي صدر ايمانوئيل ميڪرون ملڪ ۾ تازي پرتشدد بدامني کانپوءِ گهرو وزير لوران نونيز جي استعيفي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڀارت ۾ تيز رفتار گاڏي جي ٽڪر سبب 8 پورهيت فوت، 13 ڄڻا زخمي

پنجاب ۾ تيز رفتار گاڏي روڊ ڪناري موجود مزدورن کي چيڀاٽي ماري ڇڏيو

گاڏي جي ٽڪر سبب 25 مزدور متاثر ٿيا جن ۾ اڪثر عورتون هيون، اسپتال منتقل

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارتي رياست پنجاب ۾ تيز رفتار گاڏي روڊ ڪناري موجود مزدورن کي چيڀاٽي ڇڏيو جنهن جي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ڇاتي جي ڪينسر جي جاڳرتا جي حوالي سان ايوان صدر کي گلابي روشنين سان سينگاريو ويو آهي

آفريڪي ملڪن ۾ پاڪستاني ڪاروباري ادارن لاءِ وسيع موقعا موجود آهن: رفيق ميمڻ

پاڪستان ۽ آفريڪي ملڪن ۾ واپاري لاڳاپن ۾ واڌ لاءِ سفارتي نمائندن جو سهڪار ضروري آهي

آفريڪي مارڪيٽن تائين پهچ سان پاڪستاني شين جي برآمدات وڌائڻ سان معيشت مضبوط ٿيندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان ۽ آفريڪي ملڪن وچ ۾ واپار ۽ سيڙپڪاريءَ جي واڌ، نين مارڪيٽن تائين پهچ ۽ بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

غزه ۾ اسرائيلي فوج جي فائرنگ، ٻار سميت 4 فلسطيني شهيد، ڪيترائي زخمي

اتر پاسي غزه جي علائقي ۾ اسرائيلي فوج جي فائرنگ سبب زخمي ٿيل هڪ فلسطيني به فوت

اسرائيل ۽ حماس وچ ۾ جنگ شروع ٿيڻ کان پوءِ غزه ۾ شهيد ٿيل فلسطينين جو انگ 74475 تائين ٿي ويو

24 ڪلاڪن دوران مختلف اسپتالن ۾ 7 لاش ۽ 25 زخمين کي منتقل ڪيو ويو آهي: غزه جو صحت کاتو

راملا (اي پي پي)غزه پٽي جي مختلف علائقن ۾ اسرائيلي فوج جي فائرنگ سبب هڪ ٻار سميت 4 فلسطيني شهيد ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب غزه شهر جي اولهه ۾ اسرائيلي ڊرون بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب جي دفاع واري وزير جو ابوظهبي جو دورو

امارات جي صدر سان علائقائي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ

ٻنهي قومن وچ ۾ ڀائپي ۽ تاريخي لاڳاپن جي گهرائي کي اجاگر ڪيو: شهزاده خالد

ابوظهبي(اي پي پي) سعودي عرب جي دفاع واري وزير شهزاده خالد بن سلمان ابوظهبي جي الشاطي پيلس ۾ گذريل عرب بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب جي صدارت ۾ ملڪ ۾ گئس جي صورتحال بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

فرانس ۾ معاشي بحران خلاف بدترين هنگامه،هزارين ماڻهو گرفتار، صدر پاران امن جي اپيل

مظاهرن دوران دڪانن تان ڦرلٽ ڪئي وئي جڏهن ته ٻين ملڪيتن کي به نقصان پهچايو ويو

احتجاج جو اهو سلسلو مهانگائي ۽ عوام کي ملندڙ سروسز ۾ گهٽتائي خلاف شروع ٿيو

فرانس جي تاريخ جا بدترين هنگاما ٿيا جن دوران هزارين ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو:پرڏيهي ميڊيا

فرانس جا شهري پنهنجي ملڪ سان ايئن ڪيئن ڪري سگهن ٿا،انهن واقعن جو ڪو جواز ناهي:صدر ميڪرون

پرامن احتجاج ڪندڙن جا مطالبا جائز آهن ۽ انهن جي پٺيان انهن سان نه ڪرڻ گهرجي،جيڪي بدامني ڦهلائي رهيا آهن

پيرس (اي پي پي) فرانس ۾ شروع ٿيل احتجاج دوران صدر ايمانوئل ميڪرون عوام کي پرامن رهڻ جي اپيل ڪئي آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق ملڪ جي تاريخ جا بدترين هنگاما ٿيا جن دوران هزارين ماڻهن بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

آفريڪا جي ملڪن ۾ غذائي عدم تحفظ وڌڻ جو خدشو آهي: آءِ ايم ايف

سهارا آفريڪا جي ملڪن ۾ غذائي عدم تحفظ وڌيڪ شدت اختيار ڪري سگهي ٿو

گذريل ڇهن کان ستن مهينن دوران ٻاڄ جي قيمتن ۾ اضافي سبب اناج جون قيمتون به نمايان طور وڌيون آهن

واشنگٽن (اي پي پي) عالمي ماليياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن نون معاشي جهٽڪن سبب غذائي شين جي قيمتن ۾ اضافو جاري رهيو ته سهارا آفريڪا جي ملڪن ۾ غذائي عدم تحفظ وڌيڪ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سڄي ملڪ جي 97 چونڊ ضلعن ۾ 2 کان 8 نومبر تائين قومي پوليو مهم شروع ٿيندي

پنج سال کان گهٽ عمر جي 2 ڪروڙ 39 لک کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيئاريا ويندا

سنڌ جي 20 ضلعن ۾ 68 لک 83 هزار کان به وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيئاريا ويندا

اسلام آباد (اي پي پي)سڄي ملڪ جي 97 چونڊ ضلعن ۾ 2 کان 8 نومبر تائين قومي پوليو مهم منعقد ڪئي ويندي، ان دوران بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي 46 ڳوٺن کي سوئي گئس فراهمي لاءِ 1.922 ارب روپين جي منصوبي تي عملدرآمد جو فيصلو

هلندڙ مالي سال 27-2026ع دوران سنڌ جي 46 ڳوٺن ۽ علائقن تائين قدرتي گئس جي بنيادي ڍانچي کي واڌ ڏيڻ جو منصوبو جوڙيو ويو

مجموعي طور تي 178.52 ڪلوميٽر ڊگهي گئس پائيپ لائين نيٽ ورڪ وڇايو ويندو، جنهن مان 2710 امڪاني صارفين فائدو ڪندا

سوئي سدرن گئس ڪمپني عملدرآمد جي گذريل سالن تائين 404 ڳوٺن ۽ علائقن کي گئس فراهم ڪرڻ جون اسڪيمون مڪمل ڪري چڪي آهي: رپورٽ

اسلام آباد (اي پي پي)سوئي سدرن گئس ڪمپني لميٽيڊ هلندڙ مالي سال 27-2026 ع دوران سنڌ جي 46 ڳوٺن ۽ علائقن تائين قدرتي گئس جي بنيادي ڍانچي کي واڌ ڏيڻ جو منصوبو جوڙيو آهي جنهن تي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف آرٽس پاران ڪرايل ثقافتي تقريب ۾ فنڪارائون رقص ڪري رهيون آهن

ورلڊ فوڊ پروگرام جي اعليٰ سطحي وفد جي مملڪتي وزير تعليم سان اسلام آباد ۾ ملاقات

ملاقات دوران پاڪستان جي قومي ۽ عالمي تعليمي هدفن،نياڻين جي تعليم ۾ رڪاوٽن ۽ اسڪول ميلز پروگرام کي وڌيڪ موثر انداز ۾ شامل ڪرڻ تي ڳالهيون

حڪومت اسڪولن کان ٻاهر ٻارن جي تعليمي ادارن ۾ واپسي ۽ معياري تعليم لاءِ قدم کڻي رهي آهي: مملڪتي وزير وجيهه قمر

نياڻين جي تعليم رڳو تعليمي ترجيح ناهي پر پاڪستان جي سماجي ۽ معاشي ترقي ۾ عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ روشن مستقبل جي ضمانت آهي

وزيراعظم شهباز شريف جي تعليمي ايمرجنسي ويزن تحت ٻاهر وارن ٻارن کي بهتر تعليمي نظام جو حصو بڻائڻ لاءِ انقلابي قدم کنيا پيا وڃن

اسلام آباد (اي پي پي)وفاقي تعليم ۽ پيشهوارانه تربيت بابت مملڪتي وزير وجيهه قمر چيو آهي ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي بصيرت واري قيادت ۾ پاڪستان حڪومت نياڻين جي تعليم کي هٿي ڏيڻ، اسڪولن کان ٻاهر ٻارن جي تعليمي ادارن ۾ واپسي ۽ معياري تعليم بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: آرٽس ڪائونسل ۾ ساليانی 21 هين ڪيليگرافي جي نمائش بابت آرٽسٽ ماڻهن کي جاڻ ڏئي رهيو آهي

بقايا 1 روزاني عبرت

تفصيلي بريفنگ ڏني وئي ان موقعي تي ٽرانسپورٽ کاتي جو سيڪريٽري اسد ضامن ٽرانس ڪراچي جو سي اي او زبير چنه يلو لائين بي آر ٽي جو پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ڪمال دايو ۽ سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽيءَ جو ايم ڊي بهزاد ميمڻ پڻ ساڻس گڏ هئا. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت جي ڪوشش آهي ته ايندڙ ڇهن کان اٺن مهينن دوران صوبي جي سمورن ضلعن ۾ روڊن جي تعمير جو ڪم شروع ڪيو وڃي جيئن هر علائقي جي عوام کي بهتر سفري سهولتون فراهم ٿي سگهن. سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيح ٽرانسپورٽ جي نظام کي بهتر بڻائڻ آهي ۽ ان سلسلي ۾ سمورن پهلوئن جو جائزو ورتو پيو وڃي. هر منصوبي جو لاڳاپيل پراجيڪٽ مئنيجر پنهنجي شعبي ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. هن چيو ته چين جو دورو پڻ تمام سلو رهيو. سنڌ جو وڏو وزير صوبائي ڪابينا کي ان دوري بابت پاڻ بريفنگ ڏيندو ان دوري جو بنيادي مقصد پاڪستان خاص طور تي سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جي عوام لاءِ بهتريءَ جا موقعا پيدا ڪرڻ هو وڏي وزير جي بريفنگ کان اڳ هو ان معاملي تي سوالن جا جواب نه ڏيندو. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت جمهوري انداز ۾ معاملن کي اڳتي وڌائي رهي آهي ۽ هر شعبي ۾ ڪم ڪري رهي آهي. صحت، تعليم، ٽرانسپورٽ، آبپاشي ۽ مڪاني حڪومتن جي نظام سميت سمورن شعبن ۾ عوام جي زندگي آسان بڻائڻ ۽ سنڌ بهتريءَ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته گذريل ڪجهه ڏينهن دوران سياسي تبديليون سامهون آيون آهن. خيبر پختونخوا ۾ ڪنيل قدم نه ڪنهن لالچ هيٺ کنيو ويو ۽ نه ئي اقتدار جي هوس ۾ کنيو ويو جيڪڏهن اٿين هجي ها ته گورنر طرفان مقرر ڪيل صلاحڪار سياسي نمائندا هجن ها يا ڪنهن سياسي جماعت جي سفارش تي نامزد ڪيا وڃن ها، پر انهن جي چونڊ خالصتاً ميرٽ جي بنياد تي ڪئي وئي آهي. هن چيو ته هن وقت خيبر پختونخوا جو سڀ کان وڏو چئلينج دهشتگردي آهي ان صورتحال کان نه رڳو اتي جي حڪومت، پر خيبر پختونخوا جو عوام ۽ سڄو ملڪ متاثر ٿي رهيو آهي. افغانستان کان سرحد پار ڪري دهشتگردن جي پاڪستان ۾ داخل ٿيڻ هڪ وڏو چئلينج آهي. خيبر پختونخوا حڪومت کي ڪيترائي ڀيرا چيو ويو ته هو پنهنجا معاملا درست ڪري، پر گهربل اڳڀرائي نه ٿي سگهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪجهه ماڻهو بلوچستان ۾ دهشتگرديءَ جا مثال ڏين ٿا پر اتي جي حڪومت دهشتگرديءَ خلاف ڪارروايون ڪري رهي آهي پوليس اهلڪار شهيد ٿي رهيا آهن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا دهشتگردن خلاف قدم کڻي رهيا آهن. بلوچستان جي وڏي وزير طرفان دهشتگرد تنظيمن جا دفتر کولڻ يا انهن سان ڳالهيون ڪرڻ جو مطالبو نٿو ڪيو وڃي. هن چيو ته بدقسمتيءَ سان خيبر پختونخوا ۾ عمران خان ۽ سندس جماعت جي حڪومت جا سربراهه دهشتگردن سان ڳالهين جي ڳالهه ڪندا رهيا آهن پي ٽي آءِ جي پهرين حڪومت جي دور ۾ مدرسن کي فنڊ پڻ فراهم ڪيا ويندا رهيا. انهن نيٽ ورڪن کي سرڪاري فنڊنگ ڏيڻ واري معاملي جو پڻ جائزو وٺڻ گهرجي، جن بابت الزام آهن ته اتان دهشتگردن لاءِ افرادي قوت تيار ڪئي ويندي هئي جيڪڏهن حڪومت اهڙن نيٽ ورڪن کي فنڊ ڏيندي ته عوام تحفظ لاءِ ڪيڏانهن ويندو؟ هن چيو ته حالتون اتي پهچي ويون هيون جو ماڻهو مغرب جي نماز کان پوءِ گهرن مان ٻاهر نڪرڻ کان به خوف محسوس ڪندا هئا. ڪجهه شهرن ۾ پوليس اهلڪار وردي پائي ٻاهر نڪري نه سگهندا هئا. انهن حالتن جي ذميواري خيبر پختونخوا حڪومت تي لاڳو ٿئي ٿي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته دهشتگرديءَ جو ڪو واقعو پيش اچڻ هڪ الڳ معاملو آهي، پر دهشتگردن لاءِ نرم رويو اختيار ڪرڻ بلڪل مختلف ڳالهه آهي حڪومت جي ذميواري آهي ته عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻائي ۽ دهشتگرديءَ خلاف اثرائتا قدم کڻي هن چيو ته خيبر پختونخوا ۾ دهشتگرديءَ جي موجوده صورتحال جي بنيادي سببن ۾ صوبائي حڪومت جو دهشتگردن لاءِ نرم گوشو رکڻ پڻ شامل آهي اتان جي وڏي وزير ۽ حڪومت جي ذميواري هئي ته هو دهشتگردن خلاف پاڻ به ڪارروايون ڪن پنهنجي سياسي عزم جو مظاهرو ڪن ۽ پنهنجي فورسز کي اثرائتي انداز ۾ استعمال ڪن سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪراچي ۾ پڻ هڪ وقت دهشتگردي عروج تي هئي، پر سنڌ حڪومت آپريشن ڪيا، رينجرز ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي مدد حاصل ڪئي ۽ دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ عملي قدم کنيا. اهڙيءَ طرح جڏهن ڪچي وارن علائقن ۾ حالتون خراب ٿيون ته حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن ڌاڙيلن خلاف ڪارروايون ڪيون اڄ الله جي فضل سان سنڌ ۾ اغوا براءِ تاوان جي واقعن ۾ نمايان گهٽتائي آئي آهي هن چيو ته حڪومت جي بنيادي ذميواري پنهنجي رٽ قائم ڪرڻ ۽ عوام کي تحفظ فراهم ڪرڻ آهي جيڪڏهن خيبر پختونخوا ۾ حڪومت جا نمائندا طالبان کي ٽڪيٽ ڏيڻ تي مجبور هجن يا حڪومتي نظام ۾ موجود ماڻهو دهشتگردن جي سهولتڪاري ڪن ته اهڙي صورتحال ڪنهن به صورت ۾ قبول نٿي ڪري سگهجي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پيپلز پارٽي انهن آخري جماعتن ۾ شامل هئي جن گورنر راڄ جي حمايت ڪئي اسان معاملن کي ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ڪيترائي ڀيرا چيو ويو ته وفاقي حڪومت جيڪو به قدم کڻڻ چاهي ٿي ان کان اڳ ڳالهه ٻولهه ڪئي وڃي ڳالهيون پڻ ڪيون ويون پر ان جي باوجود خيبر پختونخوا جو وڏو وزير ان معاملي تي راضي نه ٿيو هن چيو ته جيڪڏهن وڏو وزير پاڻ پنهنجي تقريرن ۾ طالبان ۽ دهشتگردن جي حق ۾ ڳالهائي ته عوام کي بي يارومددگار نٿو ڇڏي سگهجي. حڪومت جو مقصد اهو نٿو ٿي سگهي ته اها اقتدار ۾ رهندي ماڻهن کي مرڻ لاءِ ڇڏي ڏئي ۽ خيبر پختونخوا جي عوام کي دهشتگردن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏئي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پي ٽي آءِ جي دور حڪومت ۾ بلوچستان جي مختلف علائقن مان دهشتگرد آيا، هتي ڪارروايون ڪيائون ۽ واپس هليا ويا. سانحه پشاور ۾ پڻ معصوم ٻارن کي شهيد ڪيو ويو ان وقت به پي ٽي آءِ جي حڪومت هئي دهشتگرديءَ جو ڪو واقعو پيش اچڻ تي حڪومت جي ذميواري آهي ته سخت ۽ اثرائتو جواب ڏئي جيئن دهشتگردن جي صلاحيت ختم ڪري سگهجي. دهشتگردن لاءِ نرم گوشو رکڻ يا انهن جا دفتر کولڻ جون ڳالهيون ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهن

بقايا 2 روزاني عبرت

سائنسي طريقي سان ڪچري جي نيڪال، ماحولياتي تحفظ ۽ ڪچري جي بهتر منتقلي جي ذريعي ڪراچي جي سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ سسٽم کي جديد بڻائڻ جي طرف هڪ وڏو قدم آهي وڏي وزير زمين ڪالي ۽ سائيٽ تي ڪچري جي نيڪال جي شروعات ڪري باقاعدي طور تي منصوبي جو افتتاح ڪيو لوڪل گورنمينٽ وارو وزير سيد ناصر حسين شاهه محنت وارو وزير سعيد غني ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب ۽ ٻيا سينيئر عملدار پڻ موجود هئا. پنهنجي دوري دوران وڏي وزير لينڊ فل سائيٽ جو معائنو ڪيو تعميراتي اڳڀرائي ۽ آپريشنل انتظامن جو جائزو ورتو ۽ لوڪل گورنمينٽ جي وزير ناصر حسين شاهه ۽ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر عثمان معظم کان بريفنگ ورتي **ورلڊ بينڪ جي مالي ۽ ٽيڪنيڪي مدد سان لاڳو ٿيندڙ هن منصوبي جي تخميني لاڳت 10 ڪروڙ 50 لک ڊالر آهي** جنهن ۾ ورلڊ بينڪ جي 10 ڪروڙ ڊالر جي مالي مدد ۽ سنڌ حڪومت جو 50 لک ڊالر جو حصو شامل آهي وڏي وزير ٻڌايو ته مجموعي لاڳت تقريبن 14 ارب رپيا پڻ ٻڌائي وئي منصوبي جو مقصد ڪچرو گڏ ڪرڻ، منتقل ڪرڻ ۽ سائنسي طريقي سان نيڪال ڪرڻ لاءِ هڪ جديد ۽ مربوط نظام قائم ڪرڻ آهي جنهن سان روايتي طور تي ڪچرو اڇلائڻ جي طريقن سان پيدا ٿيندڙ ماحولياتي آلودگي ۽ صحت جي خطرن کي گهٽائي سگهجي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي وڏي وزير چيو ته هن شروعات سان ڪراچي جي ڪچري جي انتظامي نظام کي تبديل ڪرڻ جي هڪ اهم مرحلي جي شروعات ٿي آهي هن چيو ته اسان ڪراچي ۾ ڪچرو گڏ ڪرڻ جي نظام کي جديد بڻائي رهيا آهيون ۽ ڪچري جي انتظام جي سڄي عمل کي وڌيڪ ڪارآمد ۽ منظم بڻائڻ لاءِ قدم

[illegible]

آفيس آف دي چيف انجنيئر سکر بئراج ليفٽ بئنڪ
ريجن سکر

خالي جاين جي منسوخي

ڪمشنر / چيئرمين ڊويزنل ليول سليڪشن ڪميٽي (بي پي ايس_5 کان بي پي ايس_15) سکر ڊويزن سکر جي ليٽر نمبر 2026 /EB-65-2-0 تاريخ 12-10-2026 جي تعميل ۾، هن ريجنل آفيس جي جونيئر ڪلارڪ (بي پي ايس_11) (12 عدد) ۽ اسٽينوگرافر (بي پي ايس_14) (04 عدد) جي خالي جاين تي ڀرتيءَ لاءِ اخبارن جهڙوڪ روزاني جنگ ڪراچي تاريخ 22-02-2026، روزاني عبرت حيدرآباد تاريخ 22-02-2026 ۽ بزنس رڪارڊر تاريخ 22-02-2026 توڙي سنڌ جاب پورٽل (SJP) تي شايع ٿيل اشتهار ذريعي هيٺيون جايون منسوخ ڪيون وڃن ٿيون.

قابليت / اهليت جو معيار	خالي جاين جو هنڌ	عمر جي حد	خالي جاين جو تعداد	عهدي جو نالو ۽ بي پي ايس	شمار نمبر
i. هائر ايجوڪيشن ڪميشن کان منظور ٿيل ڪنهن به يونيورسٽي/انسٽيٽيوٽ مان گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن ۾ گريجوئيٽ. ii. سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن / ٽريڊ ٽيسٽنگ بورڊ کان منظور ٿيل انسٽيٽيوٽ مان MS Office ۾ ڇهه (06) مهينن جو ڪمپيوٽر اسڪل سرٽيفڪيٽ ڪورس.	12 جايون ريجنل آفيس سکر بئراج ليفٽ بئنڪ ريجن سکر	18-28 سال	12	جونيئر ڪلارڪ (بي پي ايس_11)	01
i. هائر ايجوڪيشن ڪميشن کان منظور ٿيل يونيورسٽي/انسٽيٽيوٽ مان گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن ۾ گريجوئيٽ يا مساوي. ii. SBTE / STEVTA يا سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن کان منظور ٿيل انسٽيٽيوٽ مان انگلش شارٽ هينڊ ۽ ٽائپنگ ۾ سرٽيفڪيٽ. iii. انگلش شارٽ هينڊ ۽ ٽائپنگ ۾ بالترتيب 120 ۽ 35 لفظ في منٽ جي رفتار. iv. منظور ٿيل انسٽيٽيوٽ مان MS Office ۾ سرٽيفڪيٽ.	01 جڳهه سپرنٽينڊنگ انجنيئر، روهڙي ڪينال سرڪل، حيدرآباد. 03 جايون ريجنل آفيس سکر بئراج ليفٽ بئنڪ ريجن سکر	18-28 سال	04	اسٽينوگرافر (بي پي ايس_14)	02

مٿي ڄاڻايل عهدا بااختيار اٿارٽيءَ کان وڌيڪ هدايتون / رهنمائي ملڻ شرط ٻيهر اشتهار ڏنا ويندا.

چيف انجنيئر
سکر بئراج ليفٽ بئنڪ ريجن
سکر.

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/4611/2026

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

اعليٰ تعليم يافته ماڻهن جي پرڏيهه لڏپلاڻ، ڳڻتيءَ جوڳي صورتحال آهي
صفحو 4

مير اعظم علي ناليٻر
جنتر منتر ڪي مودي ڪري چڙيو ڇُو منتر
صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزاده
نوراتريءَ جي روشنين ۾ تهذيب ۽ وچڙندڙ انسانيت جي ياد!
صفحو 4

رياض احمد سومرو
لڏپلاڻ بابت اندر جو اظهار
صفحو 4

سنڌ جي ورهاڱي خلاف ٻيرلوءِ کان ڪراچي تائين نڪتل "ڌرتي مارچ" مٽياري پهتو، شاندار استقبال

سنڌ اسان جي ڌرتي ماءُ آهي، ورهاڱي واري ڪنهن به سازش کي قبول نه ڪيو ويندو: ايڊووڪيٽ عامر نواز وڙائچ

سنڌ جو ڪيس هڪ ڀيرو ڀرپور نموني وڙهڻ لاءِ ٻيرلوءِ کان ڪراچي تائين لانگ مارچ ڪري رهيا آهيون

سنڌ هڪ آهي ۽ هميشه هڪ رهندي، سنڌ ۾ نوان انتظامي يونٽ يا صوبا ٺاهڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيا ويندا

مٽياري(ذ ر) سنڌ جي وحدت ۽ جاگرافيائي سالميت جي تحفظ لاءِ ٻيرلوءِ کان ڪراچي تائين نڪتل ڌرتي مارچ مٽياري پهچي ويو جتي ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي وڪيل اڳواڻن ايڊووڪيٽ عامر نواز وڙائچ، ڪي بي لغاري، حسيب جمالي ۽ ٻين مارچ جي شرڪت ڪندڙن جو ٽائون ڪميٽي چيئرمين سيد حسن مرتضيٰ شاهه ۽ صحافين پاران شاندار استقبال ڪيو ويو. ان موقعي تي وڪيل اڳواڻ ايڊووڪيٽ عامر نواز وڙائچ چيو ته سنڌ جو ڪيس هڪ ڀيرو ڀرپور نموني وڙهڻ لاءِ ٻيرلوءِ کان ڪراچي تائين لانگ مارچ ڪري رهيا آهيون سنڌ جي وحدت تي ڪنهن به قسم جي سوديبازي قبول نه ڪئي ويندي ۽ سنڌ کي ڪنهن به صورت ۾ ورهائڻ نه ڏينداسين هن چيو ته سنڌ هڪ آهي ۽ هميشه هڪ رهندي، سنڌ ۾ نوان انتظامي يونٽ يا صوبا ٺاهڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيا ويندا. سنڌ جي وحدت سان هٿ چراند بند ڪئي وڃي. وڪيل اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته سنڌ اسان جي ڌرتي ماءُ آهي جنهن جي ورهاڱي واري ڪنهن به سازش کي قبول نه ڪيو ويندو. ڌرتي مارچ جو مقصد سنڌ جي وحدت جي تحفظ ۽ سنڌ جي عوام جي حقن لاءِ آواز اٿارڻ آهي.

جماعت اصلاح المسلمين ضلع شهيد بينظير آباد (نوابشاهه) جي سالياني ضلعي مجلس عامله جو پروقار اجلاس

دولتپور صفن(ن ع) جماعت اصلاح المسلمين ضلع شهيد بينظير آباد (نوابشاهه) جي سالياني ضلعي مجلس عامله جو پروقار اجلاس پريس...

ڪراچي جي لائينز ايريا مان ناجائز قبضا هٽائڻ لاءِ هڪ خاص آپريشن

آپريشن دوران، روڊن، فوٽ پاٿن ۽ گرين بيلٽس تي قبضا ختم ڪرڻ جي هدايت

ناجائز قبضي هيٺ آيل هڪ پلاٽ ڪي پڻ هن مهم دوران خالي ڪرايو ويو

سکر: پرائمري ٽيچر ايسوسيئيشن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

پيپلز پارٽي سنڌ جي ترقيءَ تي خاص ڌيان ڏنو آهي: شاهنواز عباسي

سنڌ جي ورهائڻ جي راڳ پويان ٽينڊر سازش کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو ويندو

سنڌ جو عوام سنڌ جي وحدت جي خلاف مخالفن سان سينو ساڙي مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهي

سوڀوديرو (رپورٽ: فقير محمد عباسي) سنڌ جي ورهائڻ جي راڳ پويان ٽينڊر سازش کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو ويندو پيپلز پارٽي سنڌ جي ترقيءَ تي خاص ڌيان ڏنو آهي سنڌ جو عوام سنڌ جي وحدت جي خلاف مخالفن سان سينو ساڙي مقابلو ڪرڻ آهي سخي هائوس راڻيپور تي آيلن... اديبن صحافين ۽ تاريخ دانن سان ملاقات ڪندي سخي حاجي سردار شاهنواز عباسي وڌيڪ چيو ته سنڌ بقا لاءِ اسان کي اهم ڪردار ادا ڪرڻو آهي سنڌ جي مالامال قدرتي ذخيرن تي ڪنهن به ڌاريي کي ڪابض ٿيڻ نه ڏيندسي پاڪستان پيپلز پارٽي جو باني قائدي عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد جمهوريت محترمه بينظير ڀٽو سنڌ جي بابل اسلام جهڙي ميراث کي بچائڻ لاءِ سرن جي قربانين جو درس ڏنو آهي سنڌ جي خلاف بي بنياد آوازن کي زمين دوش ڪيو ويندو شهيد جي مشن کي پيپلزپارٽي جا ڪارڪر هميشه تيار آهن.

خيرپور لڳ چوري جي ڪوشش، فائرنگ، گهرڌڻي ۽ هڪ جوابدار مارجي ويا، هڪ ڌُڌاري زخمي

ڳوٺ سهراب ڪٽوهر ۾ هٿيارٻندن رحمت الله ڪٽوهر جي گهر ۾ داخل ٿي چوري جي ڪوشش ڪئي ته گهرڀاتي سجاڳ ٿي پيا

هٿياربندن جي فائرنگ ۾ گهرڌڻي رٽائرڊ فوجي رحمت الله ڪٽوهر قتل، جوابي فائرنگ ۾ ڌُڌاري محمد علي جاڳيراڻي مارجي ويو

خيرپور(ذ ر) خيرپور جي شاهه لطيف ٿاڻي حد ڳوٺ سهراب ڪٽوهر ۾ هٿياربندن پاران رحمت الله ڪٽوهر جي گهر ۾ داخل ٿي گهر مان چوري جي ڪوشش ڪئي ته گهر ڀاتي سجاڳ ٿي پيا ۽ فائرنگ ڪري ڏني، هٿياربندن جي فائرنگ ۾ گهر ڌڻي رٽائرڊ فوجي رحمت الله ڪٽوهر مارجي ويو جڏهن ته جوابي فائرنگ ۾ هڪ ڌُڌاري مارجي ويو جنهن جي سڃاڻپ سکر ضلعي جي ڳوٺ ڏبر جي رهواسي محمد علي عرف ميٺيرو جاڳيراڻي طور ٿي آهي، جڏهن ته فائرنگ ۾ زخمي ٿيل جوابدار جي سڃاڻپ قلندر بخش جاڳيراڻي طور ڪئي وئي آهي اطلاع تي شاهه لطيف پوليس پهچي ڌُڌاري جو لاش ۽ زخمي ٿيل ڌُڌاري کي علاج لاءِ سول اسپتال خيرپور منتقل ڪرايو واقعي کان پوءِ ڪٽوهر برادري جي سوين ماڻهن لاش ڪٽي مريم توب چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي ڳوٺاڻن چيو ته خيرپور ضلعي ۾ بدامني چوٽ چڙهيل آهي ماڻهون غير محفوظ بڻجي ويا آهن بعد ۾ پوليس عملدارن انصاف جي خاطري ڪرائي مظاهرين کان احتجاج ختم ڪرايو هوڏانهن فوتي جو لاش ضروري ڪاروائي بعد وارثن جي حوالي ڪيو ويو جيڪي لاش ڪٽائي روانا ٿي ويا لاش گهر پهچڻ تي سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

استادن جا مسئلا جي حل ڪريو: ٽ الف ضلعي ٽٽي پاران مرڪزي سڌ تي احتجاجي ريلي

پ ٽ الف ضلعي ڏٽي پاران پبلڪ پارڪ کان نيشنل پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

استاد جيڪو سماجي ترقي جو اهم ٿنڀ آهي اهو اڄ پنهنجي جائز مسئلن جي حل لاءِ رستن تي دربدر ٿي رهيو آهي: اڳواڻ

سڌارن جي نالي تي تنگ پريشان ڪيو ٿو وڃي جيڪو ناانصافي خلاف ڳالهائي ٿو ته ان کي معطل ڪري ڪراچي ۾ رکيو ٿو وڃي

ڪراچي ۾ صحافي فيضان لاکاني جي اعزاز ۾ هڪ تقريب

ڪاميابيءَ کي محنت، عزم ۽ مستقل مزاجيءَ جو مثال قرار ڏنو ويو

سيڪريٽري طاهر صديقي، ڪاشف گلزار شيخ سان گڏجي فيضان لاکاني کي اعزازي شيلڊ پيش ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پريس ڪلب ۾ راندين جي صحافي فيضان لاکاني جي اعزاز ۾ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سڊني ميراٿن ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪرڻ تي کيس خراج تحسين پيش ڪيو ويو تقريب جا خاص مهمان سيڪريٽري اطلاعات ڪاشف گلزار شيخ هئا. جڏهن ته ڊائريڪٽر انفارميشن عزيز هڪڙو ۽ ڊائريڪٽر پريس انفارميشن ماجد خان پڻ موجود هئا. فيضان لاکاني سڊني ميراٿن ۾ 42.2 ڪلوميٽرن جو فاصلو 4 ڪلاڪ 54 منٽ ۽ 41 سيڪنڊن ۾ مڪمل ڪيو صحافتي مصروفيتن سان گڏوگڏ ڊوڙ جي ميدان ۾ هن جي ڪاميابيءَ کي محنت، عزم ۽ مستقل مزاجيءَ جو مثال قرار ڏنو ويو ان موقعي تي ڪراچي پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري طاهر صديقي،سيڪريٽري اطلاعات ڪاشف گلزار شيخ سان گڏجي فيضان لاکاني کي اعزازي شيلڊ پيش ڪئي تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن سندس محنت، حوصلي ۽ راندين سان وابستگي جي ساراهه ڪندي چيو ته سندس هيءَ ڪاميابي صحافتي ذميوارين سان گڏ راندين ۾ حصو وٺندڙن لاءِ پڻ حوصلي افزائيءَ جو مثال آهي.

گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول سڪرنڊ مان سال 79 ۾ ميٽرڪ پاس ڪندڙ شاگردن جي گڏجاڻي

سڪرنڊ (ن ع) گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول سڪرنڊ مان سال 79 ۾ ميٽرڪ پاس ڪندڙ شاگرد جيڪي اعليٰ تعليم پرائڻ بعد مختلف ڪاتن ۾ آفيسر رهڻ بعد هن وقت رٽائر ٿي چڪا آهن تن 79 بيچ ٽلي گروپ جوڙي تعليم جي بهتريءَ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ ۽ سماج کي بهتر ماحول ڏيڻ لاءِ مختلف پروگرامز ڪندا رهيا آهن جنهن جي اڳواڻي خاص طور تي انجنيئر محمد الياس ڪيريو پروفيسر غلام مجتبيٰ دايو ممتاز سولنگي عبدالخالق چانڊيو ۽ نور محمد ڪيريو ڪري رهيا آهن هنن پنهنجي سماجي، فلاحي ۽ تعليمي سرگرمين کي جاري رکندي جنهن اسڪول مان ميٽرڪ پاس ڪئي.

پنو عاقل جي رهواسڻ جو پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

پوليس پائيٽي سرفراز احمد جتوئي کي گرفتار ڪري پاڻ سان گڏ وٺي وئي آهي: ظهيران

خدشو ظاهر آهي ته پوليس منهنجي پائيٽي کي فل فراءِ يا هاف فراءِ نه ڪري ڇڏي

سکر (بيورو رپورٽ) پنو عاقل جي رهواسڻ معصر عورت مسمات ظهيران جتوئي پوليس جي مبينا زيادتين خلاف سکر... اڳ پنو عاقل پوليس سندس مرحوم پاءُ عبدالصمد جتوئي جي گهر تي چڙهائي ڪري سندس پائيٽي سرفراز احمد جتوئي... خدشو ظاهر ڪيو ته پوليس سندس پائيٽي کي فل فراءِ يا هاف فراءِ نه ڪري ڇڏي...

سکر: پوليس جي زيادتي خلاف عورتون ٻارڙن سميت احتجاج ڪري رهيون آهن

مٽياري شهر جي موسيٰ محلا جي رهواسي جو احتجاج

مون 6 سال اڳ ٽنڊو آدم مان شادي ڪئي هئي: ارسلان ميمڻ

گهر واري کي اڳ ئي هڪ نياڻي هئي، زال جي وفات بعد سهرو نياڻي کڻي ويو

مٽياري(ذ ر) مٽياري شهر جي موسيٰ محلا جي رهواسي ارسلان ميمڻ سٽي پريس ڪلب مٽياري پهچي داتهيو آهي ته مون 6 سال اڳ ٽنڊو آدم مان شادي ڪئي هئي منهنجي گهر واري کي اڳ ئي هڪ نياڻي هئي جيڪا هو پاڻ سان گڏ وٺي آئي هئي پوئين 6 سالن کان اسان خوش زندگي گذاري رهيا هئاسين پر 6 مهينا اڳ آگسٽ جي 4 تاريخ تي منهنجي گهر واري وفات ڪري وئي گهر واري جي وفات کان پوءِ به نياڻي کي مون پنهنجي اولاد جيان پاليو جنهن بعد گذريل ڏينهن منهنجي ياچائي جيڪا منهنجي سالي به آهي منهنجي سهري ميرخان ڪاتيار جيڪو ٽنڊو آدم جو رهواسي آهي مٽياري مان منهنجي نياڻي وجيها کي اغوا ڪري کڻي ويا آهن گذريل ڏينهن اسان نياڻي جي گمشدگي جو ميڊيا تي هلرايو ته سنڌس ناني فون ڪري چيو نياڻي مون وٽ آهي اچي کڻي وڃو ان بعد جڏهن آئون ٽنڊوآدم پهتس ته منهنجي سهري چيو ته ڇوڪري اسان جي آهي تنهنجو ان سان ڪو واسطو ناهي اسان ڇوڪري شهدادڪوٽ موڪلي ڇڏي آهي ارسلان ميمڻ جو چوڻ هو ته ڏهن سالن کان نياڻي کي مون اولاد جيان پاليو آهي نانائڻ سنڌس پڇيو به ڪونه هاڻي نياڻي سنڌس نانانا اغوا ڪري کڻي ويا آهن مون اهڙي اين سي مٽياري ٿاڻي تي داخل ڪرائي آهي پر پوليس ڪالهه کان وٺي ايسٽائين ڪڪ پڇي بيٺو نه ڪيو آهي آئون وس وارن کي اپيل ٿو ڪيان ته خدارا مون کي نياڻي واپس ڪرائي وڃي

ڪارساز جي شهيدن جون قربانيون هميشه ياد رکيون وينديون: جنيد جکريجو

شهيدن جون قربانيون پاڪستان پيپلز پارٽي جي تاريخ جو هڪ اهم باب آهن

پ پ ڪارڪن عوامي خدمت ۽ آئين جي بالادستي لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندا

مٽياري(ذ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع مٽياري جي انفارميشن سيڪريٽري جنيد صالح جکريجو 18 آڪٽوبر سانحه ڪارساز جي شهيدن کي پيغام پيش ڪندي چيو آهي ته سانحه ڪار ساز جي شهيدن جون قربانيون هميشه ياد رکيون وينديون شهيدن جمهوريت، عوامي حقن ۽ پاڪستان ۾ جمهوري نظام جي بقا لاءِ پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪيا هن چيو ته شهيدن جون قربانيون پاڪستان پيپلز پارٽي جي تاريخ جو اهم باب آهن جن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ ڪارڪن شهيدن جي مشن جمهوريت جي مضبوطي عوامي خدمت ۽ آئين جي بالادستي لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندا. جنيد صالح جکريجو وڌيڪ چيو ته شهيدن جون قربانيون ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهه آهن پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي نظريي ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ جمهوريت ۽ عوامي حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي هن شهيدن جي درجن جي بلندي، مغفرت ۽ وارثن لاءِ صبر جميل جي دعا پڻ ڪئي

سنڌي ادبي سنگت شاخ مٽياريءَ طرفان استاد بخاريءَ جي ياد ۾ ميڙاڪو

محمد بچل ميمڻ "منهنجي موبائل" تي هڪ پُر تجسس مختصر افسانو پيش ڪيو

افسانو ۾ هلندڙ وقت جي نوجوانن ۾ موبائيل جي هيڪانديءَ چسڪي جي نروار ڪيو ويو

مٽياري(ذ ر) سنڌي ادبي سنگت شاخ مٽياريءَ طرفان استاد بخاريءَ جي ياد ۾ ميڙاڪو ٿي گذريو جنهن جي صدارت نوجوان ليکاري رفيق احمد پنهور ڪئي. جڏهن ته اعزازي مهمان طور ساس اڏيرو لعل وليچ جو سيڪريٽري ساٿر پاٺوجو ۽ ڪائونسلر خالص ٻيڪاري شرڪت ڪئي. جڏهن ته ڪاروائي رفيق احمد سومرو هلائي گڏجاڻيءَ ۾ محمد اسلم ميمڻ تلاوت حافظ حزب الله ميمڻ نعت پيش ڪئي جنهن بعد بهترين ليکڪ ڊرامه نويس افسان نگان فلسفاز محمد بچل ميمڻ "منهنجي موبائل" تي هڪ پُر تجسس مختصر افسانو پيش ڪيو جنهن ۾ هن هلندڙ وقت جي نوجوانن ۾ موبائيل جي هيڪانديءَ چسڪي جي نروار ڪيو ان بعد رفيق احمد سومرو استاد بخاريءَ جي پنهنجو مقالو پيش ڪيو جنهن ۾ هن چيو ته استاد بخاري هڪ ئي وقت شاعر اديب، ساجاهه وند، مفڪر استاد ۽ سنڌ ۽ ان جي مارن جو عاشق پڻ هو جنهن پنهنجي سموري زندگي نوجوانن جي انقلابي ادبي آبياري ڪري، انهن ۾ اڄ به سان جيابي جو احساس پيدا ڪيو جنهن بعد عبدالرزاق ميمڻ استاد بخاريءَ جي شاعري تي ناقدانا ڳوڙهي نظر نه رڳو پاڻ وڌي، پر ٻين کي به استاد بخاريءَ جي شاعريءَ تي ڳوڙهو ابياس ڪرڻ جو مشورو ڏنو ۽ چيو ته هر شاعر جي هر پهلوءَ کي پروڙڻ ۽ پرکڻ گهرجي ته جيئن شاعر جي حقيقي پورهئي کان واقف ٿي سگهجي.

ٽنڊو محمد خان جي بخاري هائوس تي ڪارساز سانحي جي ياد ۾ تقريب

ڪارساز سانحي جي شهيدن جي ڏهاڙي تي کين خراج تحسين پيش ڪيو ويو

پ پ جي قائدين شهادت ماڻي ملڪ ۾ جمهوريت کي قائم رکيو: اعجاز شاهه بخاري

ٽنڊو محمد خان(ذ ر) ٽنڊو محمد خان جي بخاري هائوس تي ڪارساز سانحي جي شهيدن جو ڏهاڙي تي کين خراج تحسين پيش ڪيو ويو شهيدن جي ياد ۾ ملهايل ميڙاڪي کي پ پ ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري خطاب ڪندي چيو ته ڪارساز سانحو ملڪ جي تاريخ جو اهڙو دردناڪ سانحو هو جنهن ۾ پ پ جي قائد شهيد بينظير ڀٽو جي جلاوطني کانپوءِ 18 آڪٽوبر 2007 تي کيس شهيد ڪرڻ لاءِ دهشتگرد ڪاروائي ڪئي وئي... ملائيو پيو وڃي عوام جون محبتون پ پ سان گڏ آهن جيڪي رهنديون پ پ شهيدن جي پارٽي آهي، تعزيتي ميڙاڪي کي پ پ يوٿ ضلعي صدر سيد سلال شاهه بخاري، وائيس چيئرمين ضلعي ڪائونسل حاجي غلام مصطفيٰ جت ضلعي جي قائمقام جنرل سيڪريٽري شاهنواز شاهه معشوق پنهور، شير امين لاکو پ پ ليبر ونگ جي جنرل سيڪريٽري نسرين مگنهارپ پ ڪلچر ونگ جي صدر منور مغل چيئرمين پير بخش چانگ، پ پ سٽي جي صدر حاجي محمد اشرف ميمڻ پ پ سٽي جنرل سيڪريٽري محمد جمن ڪيهر پ پ اڳواڻ مظفر نظاماڻي پ پ ليبر ونگ جي ضلعي صدر عبدالحڪيم ...

عثمان شاهه هڙي: پوليس پاران گرفتار ڪيل جوابدار حراست ۾ بيٺل آهن

ڪمشنر سکر پاران نارا ۾ قائم اسپتال جو دورو

جاڻايل اسپتال وفاقي حڪومت 2015-16ع ۾ تعمير ڪرائي هئي: ايم ايس

صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي: ڪمشنر سکر

سکر (بيورو رپورٽ) ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي جي خاص هدايتن تي ڊائريڪٽر صحت سکر ڊويزن ڊاڪٽر فرخ امتياز پنهور نارا ۾ قائم اسپتال جو دورو ڪيو جيڪا گذريل لڳ ڀڳ ڏهن سالن کان بند پيل آهي ان موقعي تي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ رورل هيلٿ سينٽر چونڊڪو ڊاڪٽر يار محمد مرڪند اسپتال جي تعميري موجوده صورتحال بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته جاڻايل اسپتال وفاقي حڪومت 2015-16ع ۾ تعمير ڪرائي هئي جڏهن ته هن وقت اها سنڌ حڪومت جي ليبر ڪاتي جي انتظام هيٺ آهي هن ٻڌايو ته اسپتال جي عمارت ۽ بنيادي ڍانچو مڪمل آهن ۽ اتي سينٽرل ايئرڪنڊيشننگ سسٽم، جنريٽر، گيس لائٽنگ سسٽم ڊاڪٽرن ۽ عملي لاءِ رهائشي سهولتون باهه وسائڻ جو نظام سي سي ٽي وي ڪيمرا مڪمل بجليءَ جو نظام ۽ خوبصورت باغن سميت مختلف سهولتون موجود آهن تنهن هوندي به اسپتال کي فعال بڻائڻ ۽ عوام کي طبي خدمتون فراهم ڪرڻ لاءِ ضروري انتظامي ۽ عملي قدم کڻڻ جي ضرورت آهي ان موقعي تي ڊائريڪٽر صحت سکر ڊويزن ڊاڪٽر فرخ امتياز پنهور چيو ته سنڌ حڪومت جي ترجيحن ۾ سمورن علائقن جي عوام کي بنا ڪنهن فرق جي معياري ۽ بروقت طبي سهولتون فراهم ڪرڻ شامل آهي هن چيو ته نارا جي عوام کي سندن گهرن جي ويجهو صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

ڪي پي ڪي ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ درست عمل نه آهي: مخدوم محسن

پريا ڪماري جي بازيابيءَ لاءِ سنڌ پوليس صحيح طريقي سان ڪم نه ڪري رهي آهي

منشيات خلاف ملتوي ٿيل جلسو منعقد ڪرڻ لاءِ ڀيهر ڊپٽي ڪمشنر مٽياري کي درخواست ڏني آهي

مٽياري(ذ ر) مٽياري پي ڪي آءِ سنڌ جي نائب صدر مخدوم محسن مٽياري ۾ يارمحمد پنهور پاران ڏنل چانهه پارٽي جي دعوت ۾ شرڪت ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پريا ڪماري جي بازيابيءَ لاءِ سنڌ پوليس صحيح طريقي سان ڪم نه ڪري رهي آهي... جلد بازياب ڪرائي سگهجي ٿو هن چيو ته خيبر پختونخواهه (ڪي پي ڪي) ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ درست عمل نه آهي...

ٺري ميرواهه ۽ سوڀوديرو تعلقن کي ملائيندڙ روهڙي ڪئنال-ڏيپارجا پل زبون حال بڻجي وئي

پل جي وچ ۽ پاسن کان وڏا وڏا کڏا پئجي وڃڻ سبب ڪنهن به وقت وڏي حادثي جو خدشو، اختيارين اک نه پٽي

روزانو گذرندڙ مسافرن ننڍين ٽوڙي وڏين گاڏين جا ڊرائيور پل جي خراب حالت سبب سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور

مرمتي ڪم شروع ڪرايو وڃي ۽ مسافرن جي حفاظت لاءِ ضروري انتظام ڪيا وڃن جيئن ڪنهن به امڪاني حادثي کان بچي سگهجي: رهواسي

ٺري ميرواهه (رپورٽ: گلاب سهتو) ٺري ميرواهه ۽ سوڀوديرو تعلقن کي ملائيندڙ روهڙي ڪئنال-ڏيپارجا پل زبون حال بڻيل پل جي وچ ۽ پاسن کان وڏا کڏا پئجي وڃڻ سبب ڪنهن به وقت وڏي حادثي جو خدشو پل جي خراب حالت سبب روزانو گذرندڙ مسافرن ننڍين ٽوڙي وڏين گاڏين جي ڊرائيورن کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز کي پل جي مرمت لاءِ قدم کڻڻ جي اپيل تفصيل موجب روهڙي ڪئنال تي قائم ڏيپارجا پل ٻن تعلقن ٺري ميرواهه ۽ سوڀوديرو جي رهواسين لاءِ اڄ وچ جو اهم ذريعو آهي، جتان روزانو وڏي انگ ۾ ماڻهو پنهنجي روزمره جي ڪمن، ڪاروبار، تعليم ۽ ٻين ضروري معاملن لاءِ سفر ڪن ٿا. پر پل جي وچ ۽ پاسن کان وڏا کڏا پوڻ پل جي خراب حالت سبب سفر ڪرڻ وقت حادثن جو خطرو وڌي ويو آهي پل تان گذرندڙ موٽرسائيڪل سوارن ۽ ننڍين گاڏين کي کڏن سبب خاص طور تي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جڏهن ته رات جي وقت روشني جي کوٽ يا کڏن جو صحيح نموني نظر نه اچڻ جي صورت ۾ ڪنهن به وڏي حادثي ۾ جاني نقصان جو خدشو آهي پل پنهنجي تعلقن جي رهواسين جي اڄ وچ لاءِ اهم حيثيت رکي ٿي، تنهن ڪري ان جي مرمت ۾ دير ڪرڻ سان عوام جون پريشانيون وڌي سگهن ٿيون پل جي حالت جو فوري جائزو وٺي، هنگامي بنيادن تي مرمتي ڪم شروع ڪرايو وڃي ۽ مسافرن جي حفاظت لاءِ ضروري انتظام ڪيا وڃن، جيئن ڪنهن به امڪاني حادثي کان بچي سگهجي ۽ پنهنجي تعلقن جي رهواسين کي محفوظ سفري سهولتون فراهم ٿي سگهن علائقي واسين ۽ اڳوڻي ڪائونسلر ٽائون ڪاميٽي سيدارجا سماجي اڳواڻ گلاب علي سهتو سنڌ حڪومت صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته هنگامي بنيادن روهڙي ڪئنال ڏيپارجا پل جي مرمت ڪرائي وڃي

ٽڪيٽ ڏير: ملي ۾ پ پ جو پراڻو ورڪر سراپا احتجاج

ملي (ذ-ر) پ پ پ جو پراڻو ورڪس پارٽي جي مختلف عهدن تي ڪم ڪندڙ ضياءُ دور ۾ جيلون ڪاٽيندڙ ۽ محترمه بي نظير ڀٽو جي ملڪ اچڻ وقت ٿر کان پيادل قافلي ۾ حصو وٺندڙ صحبت خان ڏوهٽ کي يو سي ويجهيار جي خالي پيل چيئرمين جي عهدي تي پارٽي ٽڪيٽ ڏيڻ لاءِ پ پ پ ڪارڪنن ۽ يو سي جي عوام پارٽي قيادت کان مطالبو ڪري ڇڏيو. عوامي حلقن جو چوڻ آهي ته پارٽي لاءِ هر وقت قربانيون ڏيندڙ صحبت خان ڏوهٽ کي چيئرمين جي عهدي لاءِ ٽڪيٽ ڏيڻ سندس حق ٿئي ٿو.

عثمان شاهه هڙي ويجهو عمر ساند جي ڪامياب ڪارروائي

قيصر سينهڙو پرسان مجيد بلوچ کان ڦر ٿيل موٽرسائيڪل هٿ

ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سيد سليم شاهه پاران پوليس پارٽي جي واکاڻ

عثمان شاهه هڙي(رپورٽ: اي جي عاقلاڻي) عثمان شاهه هڙي ويجهو عمر ساند ٿاڻي جي حد ٽنڊوالهيار ٽنڊو آدم روڊ قيصر سينهڙو وڪان ڪجهه ڏينهن اڳ 3 نامعلوم ڦورن مقامي ڳوٺاڻي مجيد بلوچ کان هٿيارن جي زور تي ون ٽو فائيو موٽرسائيڪل ڦر ڪئي هئي ايس ايڇ او عمرساند ذوالفقار انڙ ٻڌايو ته گذريل رات دير سان اسان سنيپ چيڪنگ ڪري رهيا هئاسين ته پوليس کي هڪ شڪي موٽرسائيڪل پوليس روڪڻ جو اشارو ڪيو موٽر سائيڪل سوار پوليس کي ڏسي ايلچي ٻيلي طرف فرار ٿيڻ تي پوليس پاران پيڇو ڪيو ويو جوابدار اونداهي جو فائدو وٺندي ڪچي رستي تي موٽرسائيڪل ڇڏي فرار ٿي ويا.

سکر ۾ سروس اسٽرڪچر سميت ٻين مطالبن جي مڃتا لاءِ پرائمري استادن جو احتجاج

پرائمري ٽيچرز ايسوسيئيشن سٽي سکر ۽ تعلقي نيو سکر پاران مرڪزي سڌ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

استاد ڪنهن به معاشري جي ترقي ۽ نئين نسل جي بهتر تعليم ۽ تربيت ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪن ٿا: اڳواڻ

لاڳاپيل اختيارين استادن جي نمائنده تنظيمن سان ڳالهيون ڪري پيش ڪيل مطالبن تي اڳڀرائي يقيني بڻائين

سکر (بيورو رپورٽ) سروس اسٽرڪچر سميت ٻين مطالبن جي مڃتا لاءِ پرائمري ٽيچرز ايسوسيئيشن سٽي سکر ۽ تعلقي نيو سکر پاران مرڪزي سڌ تي سنڌ جي ٻين شهرن وانگر سکر ۾ به مرد ۽ عورت استادن جي وڏي انگ سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج جي اڳواڻي مختيار بلوچ ذڪريا ٻرڙو محمد علي شيخ رياض احمد پٺاڻ عبدالخالق مهر بدرالدين ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي ان موقعي تي استادن پنهنجي جائز حقن ۽ مطالبن جي مڃتا لاءِ نعريبازي ڪئي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته استاد ڪنهن به معاشري جي ترقي ۽ نئين نسل جي بهتر تعليم ۽ تربيت ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪن ٿا، تنهنڪري سندن جائز حقن جو تحفظ ۽ ملازمت سان لاڳاپيل مسئلن جو حل حڪومت جي ذميواري آهي. هنن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته استادن جي مسئلن کي نظرانداز ڪرڻ بدران انهن جي حل لاءِ سنجيدگيءَ جو مظاهرو ڪيو وڃي ۽ لاڳاپيل اختيارين استادن جي نمائنده تنظيمن سان ڳالهيون ڪري پيش ڪيل مطالبن تي اڳڀرائي يقيني بڻائين اڳواڻن واضح ڪيو ته استاد پنهنجن جائز حقن لاءِ پرامن احتجاج ڪرڻ جو حق رکن ٿا. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو جنهن جي ذميواري لاڳاپيل کاتي جي اختيارين ۽ آفيسرن تي هوندي.

حيدرآباد: پ ٽ الف پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سنڌ جا پرائمري استاد ترقين ۽ سروس اسٽرڪچر کان محروم، احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

آل سنڌ پرائمري ٽيچرز ايسوسيئيشن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو

رٽائرمينٽ کانپوءِ استادن کي سندن بنيادي حق گروپ انشورنس ۽ بينيوولنٽ فنڊ کان محروم رکيو پيو وڃي: علي احمد مڱڻ

سال 2021ع ۾ منظور ٿيل سمري تي عمل نه ٿيڻ سبب پرائمري استادن کي ترقيون نٿيون ڏنيون وڃن، مسئلا حل ڪيا وڃن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي پرائمري استادن جا مسئلا حل نه ٿيا، ترقين ۽ سروس اسٽرڪچر کان محروم، احتجاجي مظاهرو ڌرڻو آل سنڌ پرائمري ٽيچرز ايسوسيئيشن (پ ٽ الف) پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ علي احمد مڱڻ شاهنواز چانگ، نريش ڪمار ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ عورتن ۽ مرد استادن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي پ ٽ الف سنڌ جي رٽائرمينٽ کانپوءِ استادن کي سندن بنيادي حق گروپ انشورنس ۽ بينيوولنٽ فنڊ کان محروم رکيو پيو وڃي، جيڪو استادن سان ناانصافي آهي. هنن چيو ته سال 2021ع ۾ منظور ٿيل سمري تي عمل نه ٿيڻ سبب پرائمري استادن کي ترقيون نٿيون ڏنيون وڃن. هنن چيو ته پرائمري استادن جي پوسٽ کي گريڊ 9 مان گريڊ 14 ۾ اپ گريڊ ڪيو ويو آهي پر ان باوجود کين 17هين گريڊ ٽائيم اسڪيل ڏيڻ لاءِ گهربل قدم ناهن کنيا ويا. پ ٽ الف اڳواڻن مطالبو ڪيو ته پرائمري استادن کي 17هين گريڊ ٽائيم اسڪيل ڏنيون وڃن رٽائرڊ استادن کي گروپ انشورنس ۽ بينيوولنٽ فنڊ سميت سندن جائز حق فراهم ڪيا وڃن ۽ سال 2021ع ۾ منظور ٿيل سمري تي عمل ڪري استادن جا مسئلا ترت حل ڪيا وڃن.

سکر ۾ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

مهر برادري سان تعلق رکندڙ عورتن پريس ڪلب آڏو دانهيو

سکر جي مختلف ٿاڻن جي پوليس جي وڏي تعداد گهرن تي چڙهائي ڪئي: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف سائيٽ ايريا ٿاڻي جي حد سستي بستي جي رهواسي مهر برادري سان تعلق رکندڙ عورتن پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي سنڌس گرفتاري بابت لاعلمي ظاهر ڪري رهي آهي احتجاج ڪندڙ عورتن خدشو ظاهر ڪيو ته نوجوان کي ڪوڙن ڪيسن ۾... اختيارين، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي نوجوان کي آزاد ڪرايو وڃي سبينا طور کڻي ويل سامان واپس ڪرايو وڃي ۽ ملوث اهلڪارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

موبائل صارفين شڪي لنڪس تي ڪلڪ نه ڪن: اين ٽي سي

اسلام آباد(آئي پي پي)نيشنل ٽيليڪميونيڪيشن ڪارپوريشن (اين ٽي سي) موبائل صارفين کي ايس ايم ايس ذريعي خطرن (Smishing) آن لائن فراڊ يعني سمشنگ کان خبردار ڪندي مشڪوڪ لنڪس تي ڪلڪ نه ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي... پاس ورڊز بابت غير متوقع پيغام موڪلين ٿا ته جيئن ان جي حساس معلومات چورائي سگهجي ان کي ڪنهن به لنڪ تي ڪيپ ڪرڻ کان اڳ موڪلين واري جي تصديق لازمي ڪئي وڃي اداري شهرين کي محفوظ رهڻ لاءِ ان بنيادي اصولن تي برقرار رکڻ تصديق ڪرڻ ۽ محفوظ رهڻ تي عمل ڪرڻ تي زور ڀريو آهي

حيدرآباد ۾ پرائمري استاد بابر هنگورو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو

قاتلن جي گرفتاري لاءِ وڪيلن پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

مقتول جا وارث گذريل ٽن ڏينهن کان لاش رکي انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن: مظاهرين

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سانگهڙ ۾ قر دوران مزاحمت ڪرڻ تي قتل ٿي ويل پرائمري استاد بابر هنگورو جي قاتلن جي گرفتاري ۽ ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ حيدرآباد ۾ وڪيلن پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ ايڊووڪيٽ نويد جروار ۽ ٻين وڪيلن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪيل ڪنڌ وڪيلن چيو ته ڪي ڏينهن اڳ ڏيوٽي تي ويندي پرائمري استاد بابر هنگورو کي ڦر دوران قتل ڪيو ويو جنهن واقعي سبب مقتول جي وارثن ۾ ڏک ۽ ڪاوڙ جي لهر پکڙيل آهي هنن چيو ته مقتول جا وارث گذريل ٽن ڏينهن کان لاش رکي انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن پر سانگهڙ پوليس اڃا تائين قتل جو ڪيس داخل ڪرڻ ۽ واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪي به اثرائتا قدم ناهن کنيا. وڪيلن پوليس جي اهڙي عمل کي سراسر ناانصافي قرار ڏيندي سخت مذمت ڪئي ۽ مطالبو ڪيو ته مقتول استاد جي قتل جو فوري طور ڪيس داخل ڪري اصل جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن 24 ڪلاڪن اندر ايف آءِ آر داخل ڪري واقعي ۾ ملوث اصل جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو ويو ته سڄي سنڌ ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي هنن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته مقتول جي وارثن کي انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ فوري طور قدم کنيا وڃن

چين پاران آرڪٽڪ، انٽارڪٽيڪا ۽ تبت کي سيٽلائيٽ انٽرنيٽ سان ڳنڍڻ جو اهم ڪامياب تجربو

بيجنگ(آئي پي پي) چين جي 16 هين آرڪٽڪ سامونڊي مهم جي ٽيم سوموار ٻڌايو آهي ته چين قطبي برف ٽوڙڻ واري جهاز آرڪٽڪ جي سامونڊي رستن تي مقامي طور تي تيار ڪيل سيٽلائيٽ انٽرنيٽ جي آپريشن کان اڳ لاڳو ڪرڻ جو ڪامياب تجربو مڪمل ڪري ورتو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق مهم دوران ٻيهرو ڀيرو آرڪٽڪ انٽارڪٽيڪا ۽ تبت سطح جنهن کي زمين جو "ٽيون قطب" به چيو ويندو آهي، ۾ نيٽ ورڪ مواصلاتي نظام جي ڪامياب تصديق ڪئي وئي، جنهن سان دنيا ۾ مواصلاتي ڪوريج جو آخري خال به پرجي ويو آهي

گهوٽڪي قومي شاهراهه تي خوفناڪ حادثو، مسافر بس ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي، 34 ڄڻا زخمي

مسافر بس ۽ ٽرالر وچ ۾ خوفناڪ ٽڪر جي نتيجي ۾ عورتن، ٻارن ۽ مردن سميت 34 مسافر زخمي ٿي پيا

حادثي کانپوءِ واقعي واري هنڌ روڄ راڙو مچي ويو، زخمين مان 4 ڄڻن جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي

حادثي جا ڪارڻ اڃا تائين معلوم نه ٿي سگهيا آهن، جڏهن ته واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي: پوليس عملدار

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي قومي شاهراهه تي خوفناڪ حادثو مسافر بس ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي، عورتن ۽ ٻارن سميت 34 ڄڻا زخمي، 4 ڄڻن جي حالت ڳڻتي جوڳي... لعل شهباز قلندر جي مزار تي حاضري ڀرڻ کانپوءِ زائرين کي کڻي پنجاب واپس ويندڙ مسافر بس گهوٽڪي ويجهو ٽول پلازه ويجهو قومي شاهراهه تي مبينا طور ڊرائيور کي ننڊ اچڻ سبب ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي حادثو شديد نوعيت جو هو... سميت ٻيا ماڻهو شامل آهن حادثي جو اطلاع ملندي ئي زخمين کي گهوٽڪي اسپتال ۽ بعد ۾ مختلف اسپتالن ۾ منتقل ڪيو ويو... پوليس موجب حادثي جا ڪارڻ اڃا تائين معلوم نه ٿي سگهيا آهن، جڏهن ته واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي...

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پهلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آڱارو 20 آڪٽوبر 2026ع

اعليٰ تعليم يافته ماڻهن جي پرڏيهه لڏپلاڻ، ڳڻتيءَ جوڳي صورتحال آهي

ڪنهن به ملڪ جي ترقيءَ جو دارومدار رڳو ان جي قدرتي وسيلن، زميني پيداوار يا مالي سرمائي تي نه پر ان جي تعليم يافته، هنرمند ۽ صلاحيتن سان مالامال انساني وسيلن تي هوندو آهي. ڊاڪٽر، استاد، نرسون، انجنيئر، ڪمپيوٽر پروگرامر، محقق ۽ ٻيا ماهر ڪنهن به سماج جي ترقيءَ جا بنيادي ٿنڀ هوندا آهن. جيڪڏهن ڪو ملڪ پنهنجي نوجوانن کي تعليم ۽ تربيت ڏئي انهن تي وڏو خرچ ڪري پر کين پنهنجي ئي سرزمين تي مناسب روزگار، بهتر مستقبل ۽ صلاحيتن جي استعمال جا موقعا فراهم نه ڪري سگهي ته اها صورتحال ان ملڪ جي معاشي ۽ سماجي مستقبل لاءِ سنگين سوال پيدا ڪري ٿي. پاڪستان هن وقت اهڙي ئي هڪ ڳڻتيءَ جوڳي صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ قومي اسيمبليءَ ۾ انساني وسيلن جي ترقي ۽ سمنڊ پار پاڪستانين واري وزارت پاران پيش ڪيل انگ اکر ملڪ مان اعليٰ تعليم يافته ماڻهن جي پرڏيهه وڃڻ واري رجحان کي ظاهر ڪن ٿا. سرڪاري دستاويزن موجب، 2024ع ۾ 45 هزار 830، 2025ع ۾ 28 هزار 726 ۽ 2026ع دوران هيستائين 15 هزار 850 اعليٰ تعليم يافته پاڪستاني روزگار لاءِ ملڪ کان ٻاهر ويا. انهن انگن اکرن ۾ ڊاڪٽرن، استادن، نرسن، فارماسسٽن، ڏندن جي ڊاڪٽرن، ڪمپيوٽر پروگرامرن ۽ سسٽم اينالسٽن سميت مختلف شعبن جا ماڻهو شامل آهن جيتوڻيڪ انهن انگن اکرن جي دائري ۽ مجموعي حوالي سان وڌيڪ وضاحت ضروري آهي پر اهي پاڪستان مان ماهر ماڻهن جي پرڏيهه وڃڻ واري رجحان تي سنجيده غور ڪرڻ جي گهرج ضرور ظاهر ڪن ٿا. خاص طور تي صحت ۽ تعليم جهڙن بنيادي شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن جي ملڪ ڇڏڻ جا اثر گهڻا رکن ٿا. سرڪاري انگن اکرن موجب، 2024ع ۾ 3 هزار 625، 2025ع ۾ 3 هزار 795 ۽ 2026ع ۾ هيستائين 2 هزار 93 ڊاڪٽر روزگار لاءِ پرڏيهه ويا. اهڙيءَ طرح هزارين نرسون ۽ استاد پڻ بهتر روزگار جي ڳولا ۾ ملڪ کان ٻاهر ويا آهن. جڏهن ته صحت جون سهولتون اڳ ئي آباديءَ جي ضرورتن جي ڀيٽ ۾ محدود آهن ۽ سرڪاري اسڪولن ۾ معياري تعليم فراهم ڪرڻ هڪ وڏو چئلينج بڻيل آهي، تڏهن تربيت يافته ماهرن جي ملڪ ڇڏڻ سان انهن شعبن تي وڌيڪ دٻاءُ پوڻ جو امڪان آهي. هڪ ڊاڪٽر يا نرس رڳو هڪ ملازم نه پر انساني زندگين جي حفاظت ڪندڙ هڪ اهم اثاثو آهي ساڳيءَ طرح، استاد رڳو سبق پڙهائيندڙ نه پر ايندڙ نسل جي ذهني ۽ فڪري تربيت ڪندڙ هوندو آهي. جڏهن اهڙا ماڻهو ملڪ ڇڏي وڃن ٿا، تڏهن نقصان رڳو سندن خالي ٿيندڙ نوڪرين تائين محدود نٿو رهي پر انهن جي تعليم، تربيت ۽ تجربي مان ملڪي سماج کي حاصل ٿيندڙ فائدا به گهٽجي وڃن ٿا. ڊاڪٽرن ۽ نرسن جي کوٽ صحت جي خدمتن کي متاثر ڪري سگهي ٿي، جڏهن ته قابل استادن جي کوٽ تعليمي معيار کي وڌيڪ ڪمزور ڪري سگهي ٿي.

سوال اهو آهي ته اعليٰ تعليم يافته ماڻهو پنهنجي ملڪ کي ڇڏي پرڏيهه وڃڻ تي ڇو مجبور ٿين ٿا؟ ان جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا، جن ۾ روزگار جا محدود موقعا، گهٽ پگهارون، مهانگائي، پيشه ورانه ترقيءَ جا اڻپورا امڪان، تحقيق لاءِ گهربل سهولتن جي کوٽ، غيريقيني معاشي صورتحال ۽ ميرٽ جي پيڇڙي بابت خدشا شامل آهن. ٻئي طرف، ترقي يافته ملڪن ۾ بهتر پگهارون، جديد ٽيڪنالاجي، تحقيق جا موقعا ۽ پيشه ورانه ترقيءَ لاءِ سازگار ماحول پڻ ماهرن کي متوجه ڪن ٿا. ان ڪري هن مسئلي کي رڳو حب الوطني يا ذاتي مفادن جي تناظر ۾ ڏسڻ بدران ان جي بنيادي سببن کي سمجهڻ ضروري آهي ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هر شهريءَ کي پنهنجي مستقبل لاءِ بهتر موقعا چونڊڻ جو حق حاصل آهي. پر حڪومت جي ذميواري آهي ته ملڪ اندر به اهڙو ماحول پيدا ڪري، جتي قابل ماڻهو پنهنجي صلاحيتن کي استعمال ڪندي عزت ڀري زندگي گذاري سگهن. جيڪڏهن پاڪستان پنهنجي نوجوانن کي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ همٿائي ٿو يونيورسٽين ۽ طبي ادارن ۾ سندن تربيت تي وسيلا خرچ ڪري ٿو ته پوءِ انهن جي صلاحيتن مان ملڪي ترقيءَ لاءِ فائدو حاصل ڪرڻ جون پاليسيون جوڙڻ به ضروري آهي. اسين سمجهون ٿا ته حڪومت کي هاڻي هنگامي بنيادن تي اهڙيون پاليسيون اختيار ڪرڻ گهرجن، جيڪي اعليٰ تعليم يافته ماڻهن جي صلاحيتن کي ملڪ جي ترقيءَ سان ڳنڍيندين ڇو ته ڪنهن به قوم جي حقيقي دولت ان جا ماڻهو هوندا آهن. جيڪڏهن پاڪستان پنهنجي انساني سرمائي کي محفوظ رکڻ ۽ ان جي صلاحيتن مان فائدو حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو ته ان جو اثر رڳو اڄ جي معيشت تي نه پر ايندڙ نسلن جي تعليم، صحت ۽ مجموعي مستقبل تي پڻ پوندو.

لڏپلاڻ بابت اندر جو اظهار



رياض احمد سومرو

(حصو ٽيون ۽ آخري)

ٻئي طرف پنهنجي برادريءَ جو اجتماعي خوف، هڪ طرف گڏ گذاريل ڏينهن هوندا آهن. ٻئي طرف مستقبل بابت خدشا. اهڙين حالتن ۾ هر ماڻهوءَ جو ردعمل ساڳيو نه هوندو آهي. ڪو پنهنجي پراڻي دوست تي اعتماد برقرار رکندو آهي، ڪو خوف سبب فاصلو اختيار ڪندو آهي ۽ ڪو اجتماعي دٻاءَ جي ڪري پنهنجي ذاتي احساسن جو اظهار به نه ڪري سگهندو آهي. ان ڪري ورهاڱي جي تاريخ ۾ دوستيءَ کي سمجهڻ لاءِ رڳو اهو پڇڻ ڪافي ناهي ته ڪير ڪنهن سان گڏ رهيو، اهو به ڏسڻو پوندو ته ڪهڙين حالتن ۾ ماڻهن پنهنجا فيصلا ڪيا.

انسان جي فطرت ۾ خواهشون ۽ يادگيريون ٻئي موجود آهن. پيٽ جي بُک مٽجي سگهي ٿي پر دولت جي خواهش نه ٿي مٽجي سگهي، معاشي ضرورتون پوريون ٿي سگهن ٿيون پر محبت، عزت ۽ قبوليت جي طلب جاري رهي سگهي ٿي. ساڳي طرح ماڻهو ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ خوشحال زندگي گذاريندي به پنهنجي پراڻي وطن کي ياد ڪري سگهي ٿو. خوشحالي ۽ وطن جي محبت هڪ ٻئي جي ضد ناهن. ڪنهن کي پنهنجي اباڻي شهر جي گهٽين، پاڙي جي دوستن، اسڪول جي ساٿين ۽ گهر جي آڳر جي ياد اچي سگهي ٿي، جيتوڻيڪ سندس موجوده زندگي اڳ کان وڌيڪ آرامده هجي.

اردوءَ جو مشهور شعر آهي ته
يادِ ماضي عذاب هي يا رب،
ڇهين لي مجهه سي حافظہ ميرا!

ماضيءَ جي ياد ڪڏهن انسان لاءِ نعمت هوندي آهي ته ڪڏهن عذاب. ان ۾ رڳو وڃايل جاءِ جو ڏک نه هوندو آهي پر ان زندگيءَ جو به احساس هوندو آهي، جيڪا هاڻي واپس نٿي اچي سگهي. پراڻو دوست ياد ايندو آهي ته ان سان گڏ پنهنجو ٻالڪپڻ به ياد ايندو آهي، پراڻو گهر ياد ايندو آهي ته ان سان گڏ خاندان جي گڏيل زندگي، ماءُ پيءُ جو آواز ۽ پنهنجي وجود جا شروعاتي نشان به ذهن ۾ اچي ويندا آهن. يادگيريءَ جو فطري پاسو انساني دماغ جي جذباتي تجربن سان وابسته آهي، جڏهن ته ان جو سماجي پاسو ٻولي، گيتن، تصويرن، خانداني قصن ۽ اجتماعي تاريخ جي ذريعي زنده رهي ٿو مان ان ڪيفيت مان گذريو آهيان ۽ ان احساس کي وڌيڪ ڳنڀيرتا سان محسوس ڪري سگهان ٿو اسان کي ڪرونديءَ مان نه چاهيندي به لڏڻ. ڪڏهن ڪڏهن جهوري وجهندو آهي، جڏهن پنهنجن پيارن جي اڪير اٿندي آهي ته منهنجي ڪيفيت به نثار بزميءَ جهڙا ڪلام لکڻ جهڙي ٿي ويندي آهي. پر هميشه اڳتي وڌيو ۽ وڌندو رهڻ گهرجي. هاڻي ته دنيا ڏاڍي سڪڙجي هڪ مٺ ۾ اچي وئي آهي، پنهنجن پيارن جي پچار پروان چڙهڻ ۽ ان پچار مان پار پوڻ جيڪڏهن سهنجو ناهي ته اهنجو به نه رهيو آهي، بس پنهنجي پيارن جي پچار کي پچارڻ ڏجي، پوءِ پيڙ پاڻهي مچي پوندا ۽ ان آڙاهه ۾ سڀ سماجي رڪاوٽون سڙي ڀسم ٿي وينديون. ان سان گڏ ان حقيقت کان به انڪار نه ٿو ڪري سگهجي ته پل دنيا ڪيتري به ترقي ڪري سڪڙجي وڃي؟ ويڇا ويڇا ته رهيا هجن پر جڏهن انسان جي اندر ۾ جڏهن اٿل پٿل ٿيندي آهي ته اهو اظهار ڪرڻ کان وڌيڪ پنهنجي ڪيفيت کي قلمبند ڪري تاريخ جو حصو بڻائڻ کي وڌيڪ اوليت ڏيندو آهي.

فطرت ۾ پکين جا ٻچا هڪ ڏينهن آکيرو ڇڏي اڏامي وڃن ٿا. انسان جي زندگيءَ ۾ به اولاد جو جوان ٿيڻ، روزگار لاءِ ٻئي شهر يا ملڪ وڃڻ ۽ پنهنجي زندگيءَ جي اڏاوت ڪرڻ هڪ فطري عمل آهي. پر والدين لاءِ اها جدائي آسان نه هوندي آهي، ڇاڪاڻ ته اولاد رڳو سندن ويجهو رهندڙ فرد ناهي پر سندن زندگيءَ جي اميدن، محبتن ۽ يادگيرين جو حصو هوندو آهي. ساڳيءَ طرح وطن کان پري ٿيندڙ انسان جي دل ۾ به پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ سڪ زنده رهي سگهي ٿي. جيئن ماءُ پيءُ جي محبت اولاد کي قيد ڪرڻ جو نالو ناهي، تيئن وطن جي محبت جو مطلب به ڪنهن ماڻهوءَ جي زندگيءَ جي هر فيصلي تي ملڪيت جو حق جمائڻ نه آهي. وطن سان محبت جي فلسفي ۾ هڪ بنيادي سوال اهو آهي ته ڇا وطن رڳو اها جاگرافي آهي، جتي انسان پيدا ٿيو يا اهو انهن رشتن جو نالو به آهي، جيڪي سندس زندگيءَ کي معنيٰ ڏين ٿا؟ شايد وطن انهن ٻنهي جو مجموعو آهي. مٽيءَ سان وابستگي تڏهن وڌيڪ گهري ٿيندي آهي، جڏهن ان مٽيءَ ۾ پنهنجن ماڻهن جا قصا، وڏن جون قبرون، ٻوليءَ جا مختلف آواز ۽ زندگيءَ جو تجربو محفوظ هوندو آهي. ان ڪري ڪنهن ماڻهوءَ جو پرڏيهه ۾ رهڻ لازمي طور وطن سان بي وفائيءَ جو ثبوت ناهي، جيئن وطن ۾ رهڻ پاڻمرادو ان سان محبت جو مڪمل ثبوت نٿو بڻجي. آخرڪار ڪنهن دوست کي ياد ڪرڻ لاءِ اهو ضروري ناهي ته اسين سندس هر عمل جي حمايت ڪريون. ڪنهن برادريءَ جي سٺن ڪمن کي مڃڻ لاءِ ان جي تاريخ جي تلخ حقيقتن کان انڪار ڪرڻ به ضروري ناهي ۽ پنهنجي وطن سان محبت ڪرڻ لاءِ ڪنهن ٻئي جي وطن جي ياد کي گهٽ سمجهڻ جي به ضرورت ناهي. شايد تاريخ جو اصل سبق اهو ئي آهي ته اسين ماضيءَ کي نه رڳو پنهنجي حق ۾ دليل پيدا ڪرڻ لاءِ پڙهون پر پنهنجي غلطين کي سڃاڻڻ، ٻين جي درد کي سمجهڻ ۽ مستقبل جي نسلن لاءِ وڌيڪ انصاف پربو سماج ناهڻ لاءِ به پڙهون. ورهاڱي سرحدون ضرور پيدا ڪيون پر ان کان اڳ توڙي پوءِ جي انساني رشتن کي سمجهڻ اسان جي ذميواري آهي. ڇاڪاڻ ته سياسي سرحدون ملڪن کي ڌار ڪري سگهن ٿيون پر ڪنهن سچي دوستيءَ جي ياد کي ميسارڻ لاءِ انهن وٽ ڪو مڪمل اختيار ناهي. وطن جي سونهن رڳو ان جي مٽيءَ، درياهه ۽ شهرن ۾ ناهي، ان جي اصل سونهن انهن انسانن ۾ آهي، جيڪي هڪ ٻئي جي اختلافن باوجود عزت، محبت ۽ انصاف سان گڏ رهڻ سکندا آهن.

جنتر منتر کي مودي ڪري ڇڏيو شُو منتر

مير اعظم علي ٽالپر

دنيا جي ٻين ملڪن ۾ اقتدار جي تبديليءَ دوران تختا اونڌا ٿيندا رهندا آهن پر اسان وٽ اُن وچ ۾ 'جمهوريت اسان جي دم سان آهي' ۽ 'آمريت اوهان سان آهي' وارو جهيڙو ڪڏهن ختم ئي نه ٿيندو آهي جهيڙو مسئلن تان ٿيندو آهي پر اُن جي ابتڙ برصغير ۾ هميشه اقتدار جي ڦرڻي واري ڪرسيءَ جو جهيڙو اپوزيشن ۽ اقتداري ڌُر وچ ۾ صرف اُن ڳالهه تان پيدا ٿيندو آهي ته جمهوريت وارا رڳو اسان اقتدار ۾ وينل ٿي آهيون. باقي مخالف ڌُر وارا جمهوريت مان ڇا ڄاڻين؟ هوڏانهن مخالف ڌُرن جي دعويٰ هوندي آهي ته جمهوريت آهي ئي اسان وٽ. اقتدار تي قابض ته آهن ئي آمر پر جڏهن به مخالف ڌُر مخالفت ڪرڻ بعد اقتدار ۾ ايندي آهي ته اُها اقتدار جي اڻ پيتي جي نشي ۾ ڌُت هوندي آهي ۽ پنهنجي اپوزيشن واري وقت ۾ ڪيل جلوس جلسا، ريليون، بند ڪيل روڊ وسري ويندا آهن ۽ پوءِ اُڳوڻي اقتداري پارٽي موجوده اپوزيشن ۾ جيڪو به ڪندي آهي اُهو اُڳوڻي اپوزيشن کي قوم دشمن ۽ جمهوريت مخالف نظر ايندو آهي اهڙو ئي حال هن وقت برصغير ۾ سڏائڻ واري وڏي جمهوري ملڪ هندستان جو به آهي هيءَ ڳالهه پرائمري اسڪول ۾ پڙهڻ واري زماني جي آهي ڪڏهن ڪڏهن سائين چوندو هو ٻارو، سڀاڻي اسڪول ۾ جادو وارو پاڻي 'جادوگر' جادو ڏيکارڻ ايندو. پاڻ سڀ جادو ڏسنداسين. اوهان اُن لاءِ گهران 'آنو آنو' کڻي اچجو ته جيئن اُن کي خرچي ڏينداسين. اُن دور ۾ آنو وڏي حيثيت رکندو هو ۽ جام شيءِ رسيس ۾ ملندي هئي هيءَ 1960ع کان 1970ع جي ڳالهه آهي ٻئي ڏينهن تي جادوگر ايندو هو ۽ اسان ٻار تمر جي هيٺان گڏ ٿي ويهندا هئاسين (گورنمينٽ پرائمري اسڪول مير پاڙا ميرن) جادوگر مختلف ڪرتب جادو جي زور تي ڏيکاريندو هو، وات مان بال ڪڍندو هو، رومال مان ڪبوتر ٺاهيندو هو، پيسن مان مٽي پيدا ڪندو هو مطلب ته ڪلاڪ ڪن جدا جدا نمونن جا تماشا ڪندو هو ۽ پوءِ اُهو جادوگر آخرڪار شُو منتر ڪري هليو ويندو هو ۽ اسين تاڙيون وڄائيندا هئاسين

هيءُ سڄو قصو جمهوريت، آمريت، جلسا، جلوس، ريليون، روڊ رستا بند ڪرڻ جادو، جادوگر ۽ شُو منتر تان ياد اچي ويو ته هندستان جي گاديءَ واري شهر دهليءَ ۾ عوام جي احتجاج ۽ مطلبن لاءِ هڪ مخصوص جاءِ 'جنتر منتر' مقرر ڪيل آهي پر هاڻي اُها جاءِ آهي ڪان 'هٽي' ۾ بدلجي وئي آهي حالانڪ دهليءَ ۾ جنتر منتر هڪ جاگرافي علائقو نه پر هڪ 'يادگار' آهي جتي ڪيترائي وڏا وڏا اڳواڻ احتجاجي مظاهرا ڪري چُڪا آهن جن ۾ خود موجوده اقتدار ڌڻي مودي ۽ اميت شاهه به شامل آهن پر هن وقت ڪين جنتر منتر تي اپوزيشن اڳواڻ راهول گانڌي ۽ ڪاڪروچ پارٽي پاران ٿيندڙ احتجاج پسند نه آهي جنهن لاءِ ڪيترائي بهانا گهڙيا پيا وڃن هنن مختلف بهانن ۾ واپارين دڪاندارن کي ڌنڌو نه ٿيڻ تي نقصان پوڻ به شامل آهي ۽ هڪ ٻيو دلچسپ واقعو به سامهون آيو آهي 10 آڪٽوبر تي ٿيل احتجاج دوران هڪ ڳوٺاڻي صحافي عورت کي ڌڪو ڏيڻ جو الزام راهول گانڌي تي لڳايو ويو آهي اُن ڪانسواءِ هڪ شخص ڪورٽ ۾ درخواست ڏني ته جيڪڏهن رستا بند ٿيا ته منهنجي اڄ وڃ متاثر ٿيندي، اُن ڪري روڊ بند نه ٿيڻ ڏنا وڃن پر اُن شخص کي ڪورٽ طلب ڪيو ته اُهو شخص اُتين گم ٿي ويو جيئن گڏهه جي مٿان سڱ غائب ٿي ويا يا وري اُن همراهه جي پيرن ۾ ميندي لڳل هئي جو هُو عدالت ۾ نه آيو. 10 آڪٽوبر تي تاريخي احتجاجي هنڌ جنتر منتر تي اپوزيشن مظاهري جو سڏ ڏنو هو، امڪان هو ته مظاهري سبب رستا بند ٿين ها، پر عوام کان اڳ ئي سرڪار جي پوليس روڊ بند ڪري ڇڏيا. هاڻي ان کي ڇا چئجي؟ جنتر منتر تي جيڪو به آيو، سو گرفتار ٿيو دهلي جيڪا دل وارن جي دهلي هئي تنهن ۾ سرڪار مظاهرين کي گرفتار ڪرڻ لاءِ خالي ٽرانسپورٽ جون گاڏيون آڻي بيهاري ڇڏيون گاڏيءَ وارو شهر ڇڻ ڇانوڻي بڻجي ويو هو. بي جي جي آواز تي جيڪو عوام شادين ۽ جلسن ۾ نچندو آهي اُن تان بار بار سرڪار جو حڪم جاري ٿي رهيو هو ته خبردار جو جنتر منتر تي آيا آهيو حالانڪ ان کان اڳ به احتجاج ٿيندا رهيا هئا، پر ڪو وڏو نقصان نه ٿيو هو. پر 10 آڪٽوبر تي دهليءَ ۾ غيراعلانيه ايمرجنسيءَ جهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي هئي خبر ناهي مودي کي آخر ڪهڙو خوف آهي؟ اهڙو ڪم ته اندرا گانڌيءَ به نه ڪيو هوا گڏيل ويهن سلن کان جنتر منتر تي مظاهرا ٿيندا رهيا آهن. پر هن ڀيري مظاهرين جي اڄ وچ ڪي اُتين محدود ڪيو ويو، جو هڪ بيريڪيڊ مان نڪرن ته ٻئي بيريڪيڊ ۾ ڦاسي پون اهڙي صورتحال ۾ اُتين لڳي رهيو هو، جڻ دهليءَ ۾ شيطان اچي لٿو هجي اهو جمهوريت جو منظر نه، پر آمريت جو ڪليل ڏيک هو، دهليءَ جي ڀرپاسي ۾ اهڙي سٽو ڪان وڌيڪ ڳوٺ آهن جن کي به سيل ڪيو ويو هو، جڻ عوام کي پنهنجي ئي شهر ۽ علائقي ۾ قيد ڪيو ويو هجي!

دهلي ۾ ووٽ چورويتا آهن هاڻ واقعي عوام کي دلي دور است، مودي سرڪار ووٽ وٺڻ لاءِ 'لاڏلي ڀيڻ' اسڪيم تحت رقم امداد طور ڏئي ٿي جيڪو عوام کي بيوقوف بڻائڻ جو آسان طريقو آهي مٿان وري بي جي پي وارا پراڻا 20 سال وارا فوٽو ڏيکارين ٿا ته ڪانگريس ظلم ڪيو هو گوڏي ميڊيا عوام کي جيل جو ڊپ ڏئي رهي آهي مودي سرڪار چئي ٿي ته جنتر منتر تي احتجاج نه ٿيندو پر ڪاڪروچ پهچي ويا، مودي چاهي ٿو ته فضا ۾ مظاهرا ڪيا وڃن جيئن اپوزيشن وارا حڪمرانن کي نظر نه اچن دنيا جي سڌريل ملڪن ۾ مظاهرا پارليامينٽ کي ويجهو ڪيا ويندا آهن جيئن عوام جي ڳالهه اقتدار ڌڻين کي ٻڌڻ ۾ اچي اُن لاءِ برطانيا ۾ هائيڊ پارڪ امريڪا جي واشنگٽن ۾ لاڳيتو 1981ع کان مظاهرا هلندڙ آهن پر مودي عوام کي ڳچيءَ ۾ هار پارٽي رهيو آهي پر اُهو پارٽي نٿو سگهي هندستان خلاف جنيوا ۾ بينر لڳل آهي اُن لاءِ ته ڪجهه ڪري، اقوام متحده اڳيان مظاهرا ٿين ٿا، انهن کي ته منع ڪري. ياد رهي ته دهليءَ جي جنتر منتر تي 1993ع کان احتجاج ٿيندا رهيا آهن سوال اهو آهي ته مودي سرڪار کي جنتر منتر تي ٿيندڙ مظاهرن مان آخر ڪهڙي تڪليف آهي جو احتجاج ڪندڙن لاءِ اتي پهچڻ به ڏکيو بڻايو پيو وڃي؟ 10 آڪٽوبر واري احتجاج دوران سرڪار جي انتظام هيٺ روڊن تي کوڪا لڳائي رستا بند ڪيا ويا، ته جيئن گاڏين جي اچ وڃ مخصوص رستي تائين محدود رهي ۽ مظاهرين جي اڳتي وڌڻ کي روڪي سگهجي جڏهن احتجاج جي جاءِ تائين پهچڻ جا رستائي بند ڪيا وڃن ته پوءِ عوام پنهنجي آواز اقتدار جي ايوانن تائين ڪيئن پهچائي؟ جڏهن ته امريڪا ۾ وائيٽ هائوس سامهون 1963ع کان 1970ع تائين بيروزگارن ۽ ويٽنام جنگ مخالفن جا مظاهرا ٿيندا هئا، اُتين سوئيٽزرليند ۾ به مظاهرا ٿيندا رهيا آهن هن کان اڳ هندستان جي مختلف صوبن ۾ وزيراعليٰ هائوس سامهون مظاهرا ٿيندا رهيا آهن هن کان اڳ هندستان جي مختلف صوبن ۾ وزيراعليٰ هائوس سامهون مظاهرا ٿيا آهن. پٽنه بهار ۾ هڙتالي موڙ مشهور آهي جڏهن ته دنيا کي اها به خبر آهي ته برصغير آزاد ئي مظاهرن سان ٿيو هو اقتداري ڌُر چاهي ٿي ته دهلي ۾ رڳو حڪمران ٽولو هجي باقي مخالف نه هجن دهليءَ ۾ پارليامينٽ کان ڏيڍ ڪلوميٽر جي فاصلي تي جنتر منتر جو ميدان آهن جيڪو خبر ناهي ڪيترو تاريخي حقيقتن جو شاهد آهي هن ميدان تان حڪومت جي ڪنن تائين ڳالهه پهچائڻ جو فاصلو گهٽ ۾ گهٽ آهي هن ميدان ۾ احتجاج ڪرڻ وارا سلن جا سال به ويٺا رهيا آهن پر هاڻ اُن کي بي توتيفائي ڪيو ويو آهي اُن ڪري هاڻ جنتر منتر تي مظاهرو نه ٿو ڪري سگهجي البت دهليءَ جي ٽن هنڌن لاءِ حڪومت احتجاج جي منظوري ڏني آهي ياد رهي ته جنتر منتر تي پابندي وجهڻ وارا خود احتجاج ڪندا رهيا آهن جن ۾ بي جي پي جا ليڊر اٽل بهاري واجپائي، سنڌ جائو سنڌي اڳواڻ لال ڪرشن آڏواڻي (جنهن کي هن وقت ڇاتي ۾ سور جي تڪليف سبب اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي سندس عمر 90 کان مٿي آهي) اندرا گانڌي جي ايمرجنسي ۾ جئه پرڪاش به شامل هو دهلي ۾ جنتر منتر ميدان کان اڳ انڊيا گيٽ ويجهو بوٽ ڪلب وٽ مظاهرا ٿيندا هئا انهن ۾ به اٽل بهاري واجپائي لال ڪرشن آڏواڻي ايندا هئا هن بوٽ ڪلب تي 30 اپريل 1990ع ۾ بابري مسجد جي حمايت ۾ مسلمانن جو تاريخي مظاهرو ٿيو هو اُن ريلي ۾ دهلي جامع مسجد جي پيش امام کان وٺي وڏا وڏا اڳواڻ شريڪ ٿيا هئا اُن ڪانسواءِ ڪجهه سال اڳ وچٽ چوڪ تي پنج لک هارين ڌرڻو هنيو هو 1995ع ۾ بابري مسجد شهيد ٿيڻ بعد وزيراعظم نرسيما رائو حڪومت خلاف بي جي پي جي مظاهري سبب انڊيا گيٽ بوٽ ڪلب تي ڌرڻو هڻڻ ۽ جلسا ڪرڻ تي پابندي وڌي هئي هاڻ وري خود مودي سرڪار جنتر منتر تي مظاهرا نه ڪرڻ جو نادر شاهي حڪم جاري ڪيو آهي جڏهن ته 2017ع ۾ انا هزاري به هتي مظاهرو ۽ بک هڙتال ڪئي هئي جنتر منتر تي ٽن ڏهاڪن کان مٿي احتجاج ٿيندو رهيو آهي جيڪو ملڪ گير رهيو آهي ڇو ته جنتر منتر جو ميدان دهليءَ جي وچ ۾ آهي پر هاڻ مودي جا مظاهرن کي ڏٺل تي ميدان (لوڪ سڀا) پارليامينٽ بلڊنگ کان گهٽو پري آهن جيئن سي بي جي اوپر ۾ 14 ڪلو ميٽر جو فاصلو ٻُراڙي ميدان اتر ضلعي ۾ 13 ڪلو ميٽر جو پنڌ، البت پارليامينٽ کي سڀ کان ويجهو 6 ڪلو ميٽرن تي رام ليلا ميدان آهي اُن ڪري جنتر منتر جي مقابلي ۾ سيئي گرائونڊ پارليامينٽ کان پري آهن جنتر منتر اصل سنسڪرت ٻوليءَ مان لفظ نڪتل آهي ۽ جنتر جو مطلب آهي 'اوزار' ۽ منتر جو مطلب آهي 'حساب' هي مها راجا سوائي سنگهه هو، جنهن وري هندستان ۾ پنجن شهرن ۾ جنتر منتر نالي ميدان ٺهرايا هئا ۽ اُنهن تي بلڊنگون به تعمير ڪرايون، سڀ کان وڏو گرائونڊ جنتر منتر دهلي ۾ آهي اُن ڪري جنتر منتر خود هڪ تاريخ آهي هاڻ مودي اُن تاريخ کي مٽائڻ چاهي ٿو، بهرحال پهرين نومبر تي ٽئين احتجاج لاءِ مقرر ڪيل رام ليلا ميدان تي ڪانگريس ميگا ريلي ڪڍڻ جو اعلان ڪيو آهي اُن ڪانسواءِ هند سرڪار هڪ نئون فرمان به جاري ڪيو آهي ته جمع ڏينهن وارو مسجدن جو خطبو به بي جي پي وارا لکندا ۽ خاص ڪري ڪشمير جي مسجدن لاءِ طئي ڪندا ته خطبي ۾ ڇا ڇا لکجي بهرحال اسڪول واري جادوگر جي جادوءَ ڪانپوءِ شُو منتر جيان هندستان ۾ دهلي جي 'جنتر منتر' کي به مودي ڪري ڇڏيو شُو منتر.

آمريڪا جي فضائن مان
نوراترئ جي روشنين ۾ تهذيب ۽ وڇڙندڙ انسانيت جي ياد!

راجا زاهد اختر خانزاده

ڪڏهن ڪڏهن پرديس جي ڪنهن شام ۾ ٻرندڙ هڪ ڏيئو ماڻهوءَ کي هزارين ميل پري ان گهٽيءَ ۾ وٺي وڃي ٿو، جتي سندس ننڍپڻ گذريو آهي وقت جي مٽيءَ هيٺ دٻيل چهرا اوچتو روشن ٿي پون ٿا. ڪيئي سال پراڻا آواز ڪنن ۾ گونجڻ لڳن ٿا ۽ دل انهن ماڻهن کي ڳولڻ لڳي ٿي، جن سان ڪڏهن زندگي مذهب، عقيدي، ذات ۽ سڃاڻپ جي خانن ۾ ورهائڻ کانسواءِ گذاري هئي اڄوڪن ڏينهن ۾ آمريڪا جي شهر ڊيلس ۾ هندو برادري نوراتريءَ جو ڏڻ ملهائي رهي آهي مندرن ۾ پوڄا ٿي رهي آهي ۽ گهرن ۾ ڏيئا ٻري رهيا آهن عقيدتمند پنهنجين مذهبي ريتن مطابق عبادت، پرهيز ۽ نفس تي ضابطي جو اهتمام ڪري رهيا آهن نوراتريءَ ڪانپوءِ دسهرو ايندو ۽ پوءِ ديواليءَ جون روشنيون گهرن ۽ گهٽين کي چمڪائينديون پر منهنجي لاءِ اهي روشنيون رڳو هڪ مذهبي ڏڻ جون روشنيون ناهن اهي منهنجي ننڍپڻ واري ٽنڊو الهيار جون روشنيون آهن اهي سنڌ جي انهن گهٽين جي يادگيريون آهن جتي ماڻهن جي وچ ۾ فاصلا سندن گهرن جي پٽين کان وڌيڪ نه هوندا هئا اتي ڪنهن هڪ گهر جي خوشي سڄي پاڙي جي خوشي محسوس ڪئي ويندي هئي ۽ ڪنهن گهر جو ڏک سڄي ڳوٺ جي چهرن تي لهي ايندو هو.

مون کي اهو ٽنڊو الهيار ياد اچي رهيو آهي جتي اسين ننڍا ٿي وڏا ٿياسين اتي دوستيون مذهبي سڃاڻپ جي بنياد تي نه ٺهنديون هيون ۽ اتي اسان انسان کي پهريان انسان سمجهڻ سکيو هو، اسان جي وچ ۾ هندو به هئا ته مسلمان به، شيعا به هئا ته سني به ۽ ٻين عقيدن وارا ماڻهو به شامل هئا، هر هڪ جون پنهنجيون عبادتگاهون، پنهنجيون ريتون ۽ پنهنجا ڏڻ هئا. پر انهن سڀني جي وچ ۾ هڪ اهڙي گڏيل زندگي به هئي جنهن ۾ ڪنهن کي ڪنهن جي عقيدي کان خطرو محسوس نه ٿيندو هو. اسين هڪ ٻئي جو مذهب مڃائڻ نه پر هڪ ٻئي جي خوشين ۾ شريڪ ٿيندا هئاسين اسين ڪنهن جي عبادت کي پنهنجي عبادت نه سمجهندا هئاسين پر ان جي عبادت ڪرڻ جي حق جو احترام ضرور ڪندا هئاسين شايد اها ئي رواداري هئي شايد اهوئي سنڌ جو اصل روح هو.

اڄ هتي پرديس ۾ ويهي جڏهن انهن ڏڻن جا منظر ڏسان ٿو ته مون کي ننڍپڻ جا ۽ دوست ڏاڍي شدت سان ياد اچن ٿا. انهن مان هڪ ديوي داس پرماڻي هو، جنهن کي اسين رڳو اڳوڻي ڪائونسلر يا مقامي سياسي ۽ سماجي شخصيت طور نه پر پنهنجي ننڍپڻ جي دوست طور ياد ڪريان ٿو، هو ٽنڊو الهيار جي بلدياتي سياست سان لاڳاپيل هو، اسين انهن ڏينهن ۾ صحافت ڪندو هئس ۽ هو ڪا خبر ڪٺي مون وٽ ايندو رهندو هو، سندس هٿ ۾ پريس رليز هوندي هئي جيڪا ڏاڍي دوستاڻي انداز ۾ منهنجي اڳيان رکندو هو ۽ مرڪندي چوندو هو ته: 'هيءُ منهنجو تعويذ آهي، مهرباني ڪري اهو تعويذ وٺو!' سندس ڳالهه ۾ هڪ عجيب محبت، بي ساختگي ۽ پنهنجائپ هوندي هئي هو سمجهندو هو ته خبر جي پنهنجي اهميت آهي ۽ صحافيءَ جو پنهنجو ڪم پر دوستيءَ جي ناتي پنهنجي پريس رليز کي مذاق ۾ 'تعويذ' سڏيندو هو. آئون سندس خبر اخبار ۾ شايع ڪندو هئس ۽ پوءِ ڪڏهن ڪڏهن اسين ويهي رهندا هئاسين چانهه ايندي هئي پڪوڙا ايندا هئا ۽ ڳالهين جو اهڙو سلسلو شروع ٿي ويندو هو، جنهن ۾ شهر جو حال احوال به هوندو هو ته سياست به هوندي هئي بلدياتي مسئلا به هوندا هئا، ماڻهن جون شڪايتون به ۽ زندگيءَ جون ننڍيون ننڍيون خوشيون به.

اڄ سوچيان ٿو ته محسوس ٿئي ٿو ته اها چانهه رڳو چانهه نه هئي ان ۾ هڪ پوري سماج جي محبت شامل هئي اهي پڪوڙا صرف کائڻ جي شيءِ نه هئا، اهي هڪ اهڙي دوستيءَ جو ذائقو هئا، جنهن ۾ ڪنهن جو مذهب شامل نه هو ڪنهن به ڪڏهن اٿين نه سوچيو ته پيالي کڻڻ وارو هندو آهي يا مسلمان اسين رڳو دوست هئاسين ۽ دوستيءَ جو ڪو مذهبي ڪارڊ ناهي هوندو اهڙيءَ طرح منهنجو هڪ ٻيو دوست لعل چند هو، جنهن جو واسطو طب جي شعبي سان هو، ساڻس ننڍپڻ ۽ جوانيءَ جون بيشمار يادون جڙيل آهن ڪڏهن ملاقات ٿيندي هئي ڪڏهن ڊگهيون ڪچهريون ٿينديون هيون ۽ ڪڏهن ڪنهن خوشي يا تقريب ۾ گڏ ٿيندا هئاسين اسان جي دوستين ۾ عقيدي جو اختلاف موجود هو پر انسانيت جو اختلاف ڪونه هو، سندن مذهبي ڏڻ ايندا هئا ته اسان کي به هنن جي خوشين جو احساس ٿيندو هو، اسين سندن ريتن رسمن بابت هنن کان پُڇا ڪندا هئاسين سندن تقريبن ۾ شريڪ ٿيندا هئاسين ۽ سندن گهرن ۽ محفلن جي خوشين کي پنهنجي گڏيل سماجي زندگيءَ جو حصو سمجهندا هئاسين انهن ئي يادن مان هڪ ٻيو مانوس چهرو اڀري ٿو ملڪ يوسفاڻي جوا جيڪو اڄڪلهه حيدرآباد جيمخاني جو اڳواڻ آهي ملڪ يوسفاڻي به منهنجي دوستن مان هڪ هو ۽ ديوي داس پرماڻيءَ سان به سندس گهري دوستي هوندي هئي سندس وڏو ڀاءُ صديق يوسفاڻي به منهنجو عزيز هو، هنن ٻنهي ڀائرن سان محبت، پنهنجائپ ۽ دوستيءَ جو جيڪو رشتو قائم ٿيو، سو اڄ به منهنجي يادن ۾ ساڳيءَ طرح جيئرو آهي

ملڪ يوسفاڻيءَ جي والد جي انسان دوستيءَ جو هڪ پهلو مون کي هميشه ياد رهي ٿو ورهاڱي ڪانپوءِ جڏهن هندستان مان لڏي ايندڙ خاندان پاڪستان پهتا، تڏهن گهڻن لاءِ نئين ڌرتيءَ تي زندگيءَ جي شروعات سولي نه هئي اهي پنهنجا پٺيان گهر، گهٽيون، رشتا ۽ يادون ڇڏي آيا هئا. اهڙي ڏکئي وقت ۾ ملڪ يوسفاڻيءَ جي والد انهن بي گهر ۽ پريشان حال ماڻهن لاءِ پنهنجي گهر جا دروازا کولي ڇڏيا هن سندن مدد ڪئي کين سهارو ڏنو ۽ پنهنجي عمل سان ثابت ڪيو ته انسانيت جو رشتو ڪنهن قوم، ٻوليءَ يا مذهبي سڃاڻپ جو محتاج ناهي ٿورو سوچيو...! هڪ پاسي ورهاڱي جا زخم هئا، گهر اُجڙي رهيا هئا ۽ خاندان هڪ ٻئي کان وڇڙي رهيا هئا ٻئي طرف اهڙا ماڻهو به هئا، جيڪي پنهنجي گهرن جا دروازا کولي انهن زخمن تي محبت جو مرهم رکي رهيا هئا سرحدون زمينن کي ته ورهائي سگهن ٿيون پر انسان جي دل ۾ موجود محبت کي ورهائڻ آسان ناهي اڄ ملڪ يوسفاڻي حيدرآباد جيمخاني جي سرگرمين جو اڳواڻ آهي پر منهنجي يادگيريءَ ۾ هو اڄ به ٽنڊو الهيار جي ماضيءَ وارين دوستين جو حصو بڻيل آهي اتي ديوي داس پرماڻي لعل چند، صديق يوسفاڻي ۽ ٻين دوستن سان گڏ اسان محبت ۽ گڏيل احترام جو رشتو جوڙي رکيو اهي ناتا ڪنهن مذهبي سڃاڻپ، سياسي وابستگي يا سماجي مرتبي جي بنياد تي نه هئا، پر انهن جو بنياد صرف خلوص هو اهي سڀ هڪ ئي ڪهاڻيءَ جا مختلف ڪردار آهن هيءَ انهيءَ سنڌ جي ڪهاڻي آهي جتي عقيدا نه مختلف هوندا هئا پر دليون هڪ هونديون هيون ۽ جتي ماڻهن جي سڃاڻپ سندن مذهب نه پر سندن ڪردار ۽ محبت هوندي هئي (هلندڙ)

اڄوڪو ڏينهن —— 20 آڪٽوبر

محمد جمن دربدر



محمد جمن دربدر سنڌ جو هڪ انقلابي شاعر، سنگيتڪار ۽ قوم پرست تحريڪ جو هڪ اهم ڪردار هو ڪيس پيار وچان 'ماما جمن دربدر' ڪوٺيو ويندو هو، هن آدرشي انسان جو جنم عمرڪوٽ تعلقي جي ڳوٺ روحل واهه ۾ 12 مئي 1944ع تي ٿيو سندس والد عبدالرشيد ساند هڪ مسڪين هاري هو هن ابتدائي تعليم پهرئين عمرڪوٽ ۽ پوءِ پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي ان بعد گورنمينٽ مڊل اسڪول صاڀي ۾ پڙهيو هو صاڀي ڳوٺ جي مدرسي ۾ به پڙهيو، جتي مشهور قوم پرست اڳواڻ عبدالواحد آريسر سندس ڪلاس فيلو رهيو 1960ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ بعد ميرپورخاص مان فيلڊ اسسٽنٽ جو ڪورس پاس ڪيائين هن فيلڊ اسسٽنٽ طور سنڌ جي مختلف شهرن ۾ نوڪري ڪئي زرعي ڪاليج سڪرنڊ ۾ هن ڪيترائي اسٽيج ڊراما پيش ڪيا، جن ۾ هن هڪ اداڪار، صداڪار ۽ هدايتڪار طور ڪم ڪيو عبدالواحد آريسر جي صحبت کيس قوم پرست تحريڪ جو اڻٽٽ انگ بڻائي ڇڏيو هو پهرئين جيئي سنڌ محاذ ۽ پوءِ جيئي سنڌ قومي محاذ جو سرگرم ڪارڪن رهيو هن 1968ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي سندس شاعريءَ ۾ رومانيت جا رنگ، ترقيءَ سان محبت جا اٿاهه جذبا ۽ قومي جدوجهد جا عڪس نمايان نظر اچن ٿا. سندس آتم ڪهاڻي 'وٺي هر هر جنم وريو' شايع ٿيل آهي هن انمول انسان 20 آڪٽوبر 2022ع تي پنهنجي ڌرتيءَ کان هميشه لاءِ موڪلايو.

فقير ميان علي گوهر شر

اڄ هن مشهور صوفي بزرگ ۽ شاعر جي جنم جو ڏينهن آهي مخدوم طالب المولي پنهنجي ڪتاب 'ياد رفتگان' ۾ هن جي جنم جي تاريخ 20 آڪٽوبر 1918ع ڄاڻائي آهي هو فولاد فقير شر جو پٽ هو ۽ خيرپور ميرس ضلعي جي ڳوٺ مينگهو فقير شر ۾ هن جو جنم ٿيو. هن پنهنجي والد جي نگرانيءَ ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو اردو، فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم تر جي عالمن کان حاصل ڪيائين هن هندستان کان آيل هڪ پنڊت کان گرمکي ٻولي به سکي تصوف ۽ وحدانيت جا نڪتا پنهنجي والد کان سکيو ڪيس سماع جو گهڻو شوق هو سندس آستاني تي صوفي راڳ جون محفلون متل هونديون هيون پاڻ به وجد ۾ اچي جُهمندو هو. پاڻ هڪ ڪامل بزرگ ۽ صوفي شاعر هو هن سنڌيءَ سان گڏ سرائڪي اردو، فارسي، عربي ۽ هنديءَ ۾ به شاعري ڪئي شاعريءَ ۾ 'علي گوهر' ۽ 'بيخود' تخلص استعمال ڪيائين هن جا 15 ڪتاب قلمي صورت ۾ موجود آهن تاريخ 13 ڊسمبر 1989ع تي سندس وصال ٿيو.

حاتم علي علوي

حاتم علي علوي ڪراچيءَ جو مشهور واپاري، سماج سڌارڪ ۽ سياستدان هو، هن جو جنم 20 آڪٽوبر 1898ع تي هندستان جي شهر پالنپور ۾ ٿيو هن سنڌ مدرسي هاءِ اسڪول (هاڻوڪي يونيورسٽي) مان تعليم پرائي هن کي ننڍي هوندي کان ئي سماجي ۽ عام ڀلائيءَ جي ڪمن سان دلچسپي رهي هو ڪراچيءَ جي ڪيترن ئي اهم سماجي سياسي ۽ ثقافتي ادارن ۽ تنظيمن جو ميمبر رهيو انهن ۾ سنڌ مدرسي بورڊ جو ميمبر، سنڌ يونيورسٽي ڪميشن جو ميمبر، ڪراچي يونيورسٽي سنڊيڪيٽ جو ميمبر، ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جو ٽرسٽي ڪراچيءَ جي اربن ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ جو چيئرمين، نابين ٻوڙن ۽ گونگن جي ڀلائيءَ لاءِ قائم ڪيل سروس ليگ جو چيئرمين ۽ پاڪستان جي انڊسٽريل فائينانشيل ڪارپوريشن جو چيئرمين شامل آهن ٻين به ڪيترن ئي سماجي تنظيمن جو ميمبر ۽ عهديدار رهيو سياسي طور تي پهريائين آل انڊيا ڪانگريس سان ۽ بعد ۾ آل انڊيا مسلم ليگ سان لاڳاپيل رهيو هو 6 مئي 1938ع کان 5 مئي 1939ع تائين ڪراچيءَ جو ميئر پڻ رهيو هن 26 جنوري 1986ع تي وفات ڪئي

عارف المولي

اڄ مشهور شاعر عارف المولي جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو اصل نالو شاهنواز شاهه هو ۽ سندس جنم 20 آڪٽوبر 1922ع تي سانگهڙ ضلعي ۾ ٽنڊي شهر ويجهو ڳوٺ سبحان علي شاهه ۾ ٿيو هن قرآن شريف، عربي فارسي تفسير ۽ اسلاميات جي تعليم ٽنڊي جي مدرسي مان حاصل ڪئي هو هڪ پلوڙ شاعر هو سندس شاعريءَ جو مجموعو 'ڪشتيءَ منجهه ڪٺا' 1994ع ۾ ڇپيو سندس شاعريءَ ۾ بيت، ڪافيون، نظم، غزل، مثنويون ۽ گيت وغيره شامل آهن هن حسن بخش شاهه ٽنڊي واري جو ڪلام پڻ ترتيب ڏئي ڇپرايو هن ڪيترائي مضمون ۽ ڪجهه ڪهاڻيون به لکيون 31 مئي 1978ع تي هڪ ڪار حادثي ۾ هو پنهنجي زندگيءَ جي بازي هارائي ويٺو

جسٽس غلام رباني قريشي

اڄ مشهور قانوندان جسٽس غلام رباني قريشيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي سنڌ جي هن انمول املهه ماڻڪ جو جنم 20 آڪٽوبر 1944ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو سندس وڏا اصل ۾ سيوهڻ شريف جا رهواسي هئا هن حيدرآباد جي ساڌو ٽيول راءِ اڪيڊميءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪئي 1967ع ۾ ايل ايل بي جي سند پڻ حاصل ڪيائين هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات روينيو کاتي ۾ نوڪريءَ سان ڪئي 1974-75ع کان هن وڪالت شروع ڪئي پاڻ حيدرآباد ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جو سرگرم ڪارڪن هو ۽ انهيءَ بار جو جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو 1996ع ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو ايڊيشنل ايڊوڪيٽ جنرل مقرر ٿيو 1998ع ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ٿيو هن ڪيترائي ڀيرا سنڌ هاءِ ڪورٽ جي وقتي چيف جسٽس طور پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون هيءُ انهن سٺن ججن مان هڪ هو، جن 2007ع ۾ جنرل پرويز مشرف جي ايمرجنسيءَ واري عمل کي 'غير قانوني' قرار ڏنو هو هو 2011ع ۾ سپريم ڪورٽ جي ايڊهاڪ جج طور رٽائر ٿيو

سهيل سانگي

اڄ مشهور صحافيءَ سهيل سانگيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 20 آڪٽوبر 1950ع تي چاچڙي تعلقي جي ڳوٺ جهنجهي ۾ ڄائو هن مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول چاچڙي مان ۽ انٽر جو امتحان مسلم ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيو اڳتي هلي هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (انگريزي) جي سند حاصل ڪئي شاگرديءَ واري زماني ۾ هو نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو، هن 1970ع واري ڏهاڪي ۾ صحافتي دنيا ۾ پير پاتو هو 'روزاني سنڌ نيوز' جي اوائلي ڪارڪنن مان هڪ هو، هن 'روزاني عبرت'، 'سنڌ آبزرور' ۽ 'روزاني سفير' ۾ به ڪجهه عرصو ڪم ڪيو. هن مختلف سياسي سماجي ۽ ٻين موضوعن تي بيشمار ڪالم لکيا، جنرل ضياءَ واري مارشل لا واري دور ۾ پنهنجن ساٿين ڪامريڊ جمال نقوي ۽ ڪامريڊ امرلال سان گڏ سڄا سارا 5 سال قيد ڪاٽيائين هن 'روزاني ڊان' جي سب ايڊيٽر ۽ 'روزاني ڪاوش' جي ريزيڊينٽ ايڊيٽر طور به ڪم ڪيو، پاڻ 'هفتيوار آرسيءَ' جو ايڊيٽر ۽ پبلشر رهيو هو 'روزاني عوامي آواز' جي باني ڪارڪنن مان هڪ هو، هو حيدرآباد پريس ڪلب جو صدر ۽ جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو هن ڪيترائي ڪتاب تصنيف ۽ ترجمو ڪيا آهن سنڌ يونيورسٽيءَ جي ماس ڪميونيڪيشن شعبي ۾ وزيٽنگ ٽيچر طور به ڪم ڪيائين

مختيار انڙ

ثناءالله عباسي

اڄ مشهور پوليس آفيسر ثناءالله عباسيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن 20 آڪٽوبر 1964ع تي لاڙڪاڻي ۾ فضل الله عباسيءَ جي گهر پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو هن پهرئين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين لاڙڪاڻي ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ ان بعد سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪئي هن ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ڪرمنالاجي واري شعبي ۾ ماسٽر آف آرٽس جي سند پڻ حاصل ڪئي اڳتي هلي جتاڻيءَ وارو امتحان پاس ڪري پوليس کاتي ۾ آفيسر مقرر ٿيو ۽ سنڌ سميت پاڪستان جي مختلف علائقن ۾ پوليس کاتي جي اهم عهدن تي رهي خدمتون سرانجام ڏنائين هن جن اهم عهدن تي رهي ڪم ڪيو آهي تن ۾ گلگت ۾ انسپيڪٽر جنرل آف پوليس (آءِ جي)، ڊائريڪٽر جنرل (ڊي جي) ايف آءِ اي ۽ ٻيا ڪيترائي اهم عهدا شامل آهن هن هڪ ايماندار فرض شناس ۽ ٻهادر پوليس آفيسر طور پنهنجي ساک قائم ڪئي سندس خدمتن کي مان بخشيندي پاڪستان جي صدر کيس قائداعظم پوليس ميڊل جي اعزاز سان نوازيو

سر رچرڊ فرانسس برٽن

سر رچرڊ فرانسس برٽن برطانيه جو هڪ فوجي آفيسر پولين جو ڄاڻو ليکڪ ۽ سياح هو هن جو جنم 19 مارچ 1821ع ۾ انگلينڊ ۾ ٿيو هو هن کي سنڌي ٻوليءَ سميت دنيا جي 25 ٻولين تي عبور حاصل هو هو 1842ع ڌاري هڪ فوجي آفيسر طور هندستان آيو 1843ع ۾، جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي ته هن کي به ڪراچيءَ ۾ گهرايو ويو شروع ۾ هن سنڌ جي زمينن جي سروي ۽ پيمائش وغيره جو ڪم ڪيو گڏوگڏ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي رهڻي ڪرڻيءَ جو اڀياس ڪندو رهيو 1853ع ۾ هن هڪ افغاني حڪيم حاجي عبدالله جي فرضي نالي سان مڪي ۽ مديني شريف جي زيارت ڪئي هو عربي ٻولي به نهايت رواني سان ڳالهائي سگهندو هو هن صوماليه، مصر ۽ ڪجهه آفريڪي ملڪن جو پڻ سفر ڪيو ۽ ڪيترائي ڪتاب لکيا هن سنڌ بابت جيڪي ڪتاب لکيا، تن ۾ 'سنڌ يا ڏکوئيل ماٿري' (Sind or the Unhappy Valley)، 'سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ رهندڙ قومون' (Sind, and the races that inhabit the valley of the Indus)، 'سنڌو ماٿريءَ ۾ شڪرباري' (Falconry in the Valley of the Indus) ۽ 'سنڌ جي ٻيهر گهمڻ زيارت' (Sind, revisited) شامل آهن هن 20 آڪٽوبر 1890ع تي اٽليءَ ۾ وفات ڪئي

هينري جارج راورٽي (Henry George Raverty)

هينري جارج راورٽي هندستان ۾ برطانوي راڄ دوران برطانوي فوج جو آفيسر هو فوجي آفيسر هجڻ سان گڏ هو پولين جو وڏو ماهر پڻ هو هن کي پشتو ۽ فارسي ٻولين تي عبور حاصل هو هن کي سنڌو ماٿريءَ مان گذرندڙ دريائن ۽ دريائي وهڪرن جي به وڏي ڄاڻ حاصل هئي هن جو جنم انگلينڊ جي ننڍڙي شهر فالمائوٿ (Falmouth) ۾ 31 مئي 1825ع ۾ ٿيو هن 1843ع ڌاري هندستان جي برطانوي فوج ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ ترقي ڪري ميجر جي عهدي تائين رسائي حاصل ڪئي هن پنجاب، سوات ۽ موجوده پاڪستان جي اترين علائقن ۾ ٿيندڙ فوجي معرڪن ۾ حصو ورتو هن کي سنڌو درياهه ۽ ان جي مختلف وهڪرن جي باري ۾ وڏي ڄاڻ حاصل هئي هن جو ڪتاب Mehran of Sindh and its Tributaries سنڌو درياهه جي وهڪرن ۽ جاگرافيءَ تي لکيل هڪ اهم ڪتاب آهي انهيءَ ڪتاب جو سنڌي ترجمو مشهور محقق عطا محمد ڀنڀري 'سنڌ جو مهراڻ' نالي سان ڪيو هن 20 آڪٽوبر 1906ع تي انگلينڊ جي شهر ڪارنول ۾ وفات ڪئي

محمد ايوب کهڙو

اڄ مشهور سياستدان محمد ايوب کهڙي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو جنم 14 آگسٽ 1901ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ عاقل ۾ ٿيو هن سنڌ مدرسي ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان تعليم حاصل ڪئي هن 1920ع واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ سياسي ميدان ۾ پير پاتو 1923ع ۾ بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ويو 1936ع ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگيءَ کانپوءِ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ صوبائي وزير مقرر ٿيو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ 14 آگسٽ 1947ع کان 28 اپريل 1948ع تائين وزيراعليٰ سنڌ رهيو اڳتي هلي 25 مارچ 1951ع کان 30 ڊسمبر 1951ع تائين ۽ 9 نومبر 1954ع کان 13 آڪٽوبر 1955ع تائين وزيراعليٰ سنڌ رهيو وزيراعليٰ طور سندس ٽيون دور سنڌ جي تاريخ جو اونداهو دور قرار ڏئي سگهجي ٿو هن سنڌ اسيمبليءَ مان ون يونٽ جي حق ۾ قرارداد پاس ڪرائڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو سندس انهيءَ عمل سبب سنڌ جي صوبائي حيثيت هڪ ڊگهي عرصي تائين ختم ٿي وئي هو اولهه پاڪستان اسيمبليءَ جو به ميمبر رهيو ۽ بحالي واري وزير طور ڪم ڪيائين 1970ع وارين چونڊن ۾ ذوالفقار علي ڀٽي خلاف چونڊ وڙهيو پر شڪست کاڌائين هن 20 آڪٽوبر 1980ع تي وفات ڪئي

آغا روشن علي پٺاڻ



آغا روشن علي پٺاڻ مشهور تعليمي ماهر ليکڪ ۽ صحافي هو سندس جنم 31 مئي 1942ع تي نوشهرو فيروز ضلعي جي ننڍڙي شهر دڙبيلي ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم دڙبيلي مان حاصل ڪئي ۽ اسلاميه ڪاليج ۾ ايم اي جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي هن عملي زندگيءَ جي شروعات زراعت کاتي ۾ نوڪريءَ سان ڪئي پر پوءِ اها نوڪري ڇڏي تعليم کاتي ۾ هاءِ اسڪول جو استاد مقرر ٿيو هو هڪ ادب دوست انسان هو ۽ شهدادپور ۾ سنڌي ادبي سنگت جي بنيادي ميمبرن مان هڪ هو هن توري گهڻي شاعري پڻ ڪئي آخرڪار 20 آڪٽوبر 2013ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو

گورڌن ڪمار اسراڻي

گورڌن ڪمار اسراڻي هندستان فلمن جو نامور سنڌي اداڪار ۽ هدايتڪار هو خاص طور تي پنهنجي مزاحيه اداڪاريءَ جي ڪري گهڻو مشهور هو هن جو جنم پهرين جنوري 1941ع تي ٿيو ڪجهه ذريعن موجب هو سنڌ جي ڪنهن شهر ۾ ڄائو هو ۽ اجا ننڍڙوئي هو جو سندس مائٽ لڏي وڃي جوڌپور ۾ ٿانيڪا ٿيا هئا، جڏهن ته ٻين ذريعن مطابق هن جا مائٽ هن جي پيدائش کان ٿورو پهرين جوڌپور ۾ وڃي آباد ٿيا هئا ۽ هن جي پيدائش انهيءَ ئي شهر ۾ ٿي هئي اسراڻيءَ جو ننڍپڻ جوڌپور ۾ ئي گذريو هن جوڌپور جي سينٽ زيوئر ڪاليج مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ گجرات ڪاليج جوڌپور مان گريجوئيشن ڪئي اڳتي هلي پوني شهر جي فلم اينڊ ٽيليويزن انسٽيٽيوٽ آف انڊيا مان اداڪاريءَ جا گُر سکيو هن شروع ۾ آل انڊيا ريڊيو تي صداڪاري ڪئي ۽ 1960ع ۾ فلمي دنيا جو حصو بڻجي ويو هن 3 سئو 50 کان به وڌيڪ فلمن ۾ ڪم ڪيو هن جي مشهور فلمن ۾ شعلي، ايپمان، چپکي چپکي، چوٽي سي بات، نمڪ حرام، آج کي تازا خبر، امر اکبر اور انٿوني ۽ ٻيون فلمون شامل آهن هن 20 آڪٽوبر 2025ع تي هن دنيا جي اسٽيج تان هميشه لاءِ موڪلايو

روزاني عبرت

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 442 سال 2026

مسمات رخسار ڌيءُ اعجاز پٽي رهندڙ محلہ اعظم ڪالوني نوابشاهہ ..پلينٽف ...بخلاف.. حاڪم علي ولد غلام قادر بروهي رهندڙ ڳوٺ رئيس خوشي خان 68 موري تعلقو دوڙ ضلع شهيد بينظير آباد ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار Jactitation of Marriage لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ڪجي ٿو تہ 21-10-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1730 سال 2026

مسمات عروسہ نور زال صدر حسين ڌيءُ فهد نادر رهندڙ گهر نمبرA34/1 نيو ميمڻ سٽي هائوسنگ اسڪيم نزد جهانيہ چوڪ قاسم آباد حيدرآباد.. پلينٽف.. بخلاف.. فهد نادر ولد نادر علي رهندڙ گهر نمبر 130-120 عبدالله سٽي قاسم آباد حيدرآباد ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿئين پلينٽف توهان جي نڪاح ٽوڙائڻ رڪوري ڏاجوري آرٽيڪلز ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ڪجي ٿو تہ 24-10-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ فيملي جج چمبڙ
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات مهڪ علي ڌيءُ علي نواز زال نادر حسين ذات بوزدار رهندڙ ڳوٺ خان محمد بوزدار تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار ..پلينٽف ...بخلاف.. نادر حسين ولد الله ڏنو ذات چانڊيو رهندڙ ڳوٺ ڏري مير محمد تعلقو ميرو خان ضلعو قمبر شهدادڪوٽ ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ڪجي ٿو تہ 21-10-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ فيملي جج چمبڙ

عام اطلاع

منهنجو نالو علي حسن ولد احمد دل عاقل بالغ رهندڙ ڳوٺ سونهارو دل محموداڻي شيخ موسي ٽنڊوالهيار شناختي ڪارڊ نمبر 41701.0629594.3 حلفيہ بيان ڏيان ٿو تہ منهنجو والد احمد دل ولد عمر عرف بخشو جيڪو تاريخ 15.03.1982 تي وفات ڪري ويو آهي جنهن جو فوتي سرٽيفڪيٽ اڄ تائين اسان نہ ٺهرائي سگهيا آهيون جڏهن تہ منهنجي والد احمد دل ولد عمر عرف بخشو پنهنجي حياتي ۾ قومي شناختي ڪارڊ نہ ٺهرايو ۽ نہ ئي ڪنهن سرڪاري توڙي نجي اداري ۾ جمع شده آهي تنهنڪري هن حلف نامي کي رڪارڊ تي رکي منهنجي والد نالي احمد دل جو يونين ڪائونسل شيخ موسي مان فوتي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو وڃي جنهن تي ڪنهن کي ۾ ڪو اعتراض نہ هوندو ۽ اعتراض جي صورت ۾ آئون پاڻ ذميوار هوندس

علي حسن ولد احمد دل
شناختي ڪارڊ نمبر 41701.0629594.3

گلاب لغاري لڳ موٽرسائيڪل چين ۾ ٽوال ڦاسڻ سبب نوجوان فوت

ڪيلا بائونڊري ويجهو انور پيل جو ٽوال چين ۾ ڦاسڻ ڪري هو شديد زخمي ٿي پيو

وارث ڪيس ڪي علاج لاءِ اسپتال ڪٺائي وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ دم ڏٽي حوالي ڪيو

گلاب لغاري(ن ع) گلاب لغاري شيخ پرڪيو روڊ جي ڪيلا بائونڊري ويجهو ڳوٺ مانڪ لغاري واسي انور پٽ ملوڪ پيل جو ٽوال موٽر سائيڪل رڪشا جي چين ۾ ڦاسڻ ڪري هو شديد زخمي ٿي پيو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: پ ٽ الف پارن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺارا جي اسڪول مان ٻن استادن جي بدلي خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

خيرپور(ذ ر) خيرپور جي ريگستاني تعلقي ٺارا جي اسڪول حاجي محمد مٺل پنهور مان ٻه استاد بدلي شاگردن جو مستقبل داءَ تي لڳڻ جو خدشو ٻارن جا والدين سخت پريشان استاد مقرر ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب خيرپور جي ريگستاني تعلقي ٺارا جي اسڪول محمد مٺل پنهور مان آرچو ٻن استادن ڪي بدلي ڪيو ويو آهي بدلي ٿيڻ واري معاملي تي تعليمي ڳوٺاڻن ۽ ٻارن جو والدين ۾ ٻڌتي جي لهر پيدا ٿي وئي آهي ان سلسلي ۾ ٺارا جي سماجي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

پيرڳوٺ لڳ ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر ۾ ڇهه زخمي، اسپتال منتقل

ڪنبٽ (ت ر) پيرڳوٺ لڳ گل شاهه پڪت وٽ ٻن موٽر سائيڪلن ۾ آمهون

ڪنبٽ: زخمي نوجوان اسپتال ۾ داخل آهن

بلوري ۾ نوجوان کي زخمي ڪندڙ رڪشا ڊرائيور خلاف وارثن جو احتجاج

چنگچي رڪشا واري جاٽي واٽي ٽڪر هڻي خير محمد کي زخم ڪيو آهي مظاهرين

نوجوان گهڻي ڏينهن کان ڳنڀير حالت ۾ اسپتال ۾ داخل آهي، جوابدار گرفتار ڪري علاج ڪرايو وڃي

ميرپوربٺورو (ن ع) ميرپوربٺورو لڳ ڳوٺ پانڊي خاصخيلي ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ مبينا طور روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل پورهيت نوجوان خير محمد خاصخيلي جي وارثن جو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو انهي موقعي تي احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسان جو نوجوان چنگچي رڪشا هلائي ...

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

مورو باءِ پاس 24 ڪلاڪن کان بند، انتظاميه غائب، گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون

نيشنل هائي وي انتظاميه، موٽر وي، ٽريفڪ پوليس سميت مقامي پوليس مورو باءِ پاس کي کولرائڻ ۾ ناڪام

باءِ پاس بند ٿيل هجڻ سبب مسافرن، ٽرانسپورٽرن ۽ ڊرائيورن کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي ويو

روڊ جي ڪم ۾ سست رفتاري ۽ ٽريفڪ جي بندش سبب عام شهرين، مسافرن ۽ ڊرائيورن ۾ بيچيني پکڙيل

مورو (ن ع) مورو باءِ پاس 24 ڪلاڪن کان بند انتظاميه غائب مسافر ۽ ڊرائيور سخت پريشان گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون، مورو کان نوشهروفيروز ۽ هالاڻي تائين روڊ جي تعميراتي ڪم ۾ سست رفتاري

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

جامشورو: مهراڻ يونيورسٽي ۾ ٽي اي ڊي ايڪس جي سيڪنڊ ٽائيم پروگرام ۾ ... شاگرد ...

ملي سي آءِ اي پوليس ڪارروائي، رڪشي مان سفينا جا ٻه ڪتا هٿ، هڪ جوابدار گرفتار

ملي (ڊ-ر) سي آئي اي پوليس ٿرپارڪر ملي ڏراڙ روڊ تي ڪارروائي ڪندي رڪشي مان سفينا جا 2ڪتا هٿ ڪري هڪ جڏهن پرديپ ميگهواڙ کي گرفتار ڪري ...

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هڪ پيرسن روڊ ڪناري گهڙيون وڪري لاءِ رکي ويٺل آهي

پرياروڊ ۾ ٽريڪٽر ٽرالي جي ٽڪر ۾ عورت چيپاٽجي فوت

ڳوٺ ٻيلاواهه واسڻ شڪيلان زال طالب آرائين ٿڏي تي فوت ٿي وئي

نواب شاهه وڃڻ لاءِ اسٽيشن تي وڃي رهيا هئاسين ته حادثو پيش آيو: طالب آرائين

پوليس پهچي ٽريڪٽر ٽرالي کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي/پرياروڊ ٽريڪٽر ٽرالي جي ٽڪر ۾ عورت چيپاٽجي ٿڏي تي فوت ٿي وئي، پرياروڊ ڪاڻون ڪاميٽي منگي محلا پرسان سرن سان پريل ٽيڪٽر ٽرالي موٽرسائيڪل سوار مٿان چڙهي وئي، حادثي سبب ڳوٺ ٻيلاواهه واسي عورت ۾ مسمات شڪيلان زال طالب حسين آرائين ٿڏي تي چيپاٽجي فوت ٿي وئي.. واقعي واري هنڌ پوليس پهچي ٽريڪٽر ٽرالي کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو، لاش پوسٽ مارٽم پرياسٽي اسپتال منتقل ڪيو ويو، جڏهن ته حادثو روڊ تباهه ٿيڻ سبب پيش آيو، فوتي عورت جي مڙس ٻڌايو ته اسان اسٽيشن تي وڃي رهيا

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد واسي جو سکر جي ڪسٽم کاتي جي زيادتين خلاف احتجاج

ڪسٽم عملي گاڏي جو ٽيڪس نه ڀرڻ جو چئي آفيس اچڻ جو چيو: رضا مغيري

سمورا ڪاغذ ڏيکارڻ باوجود گاڏي نه ڏني وئي، پنج مهينا ٿي ويا آهن، نوٽيس ورتو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) جيڪب آباد جي قادرپور واري علائقي جي رهواسي رضا احمد مغيري پاران ڪسٽم کاتي سکر جي مبينا زيادتين خلاف سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ رضا احمد مغيري ٻڌايو ته پنج مهينا اڳ هو پنهنجي عزيز جي چيڪ اپ لاءِ پنهنجي آلٽو ڪار نمبر BUE-602 ماڊل 2018 ع تي ايس آءِ يو ٽي اسپتال ميناره روڊ سکر آيو هو جتي ڪسٽم کاتي سکر جي هڪ ٽيم جنهن جي اڳواڻي عرفان غني ڪري رهيو هو ڪيس روڪي گاڏي جا ڪاغذ طلب ڪيا. هن چيو ته

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪنبٽ ۾ وڏيرن جي بدامني خلاف ميمڻ برادري ۽ سول سوسائٽي جو مارچ

ميمڻ برادري ۽ سول سوسائٽي جو روڊن تي مارچ ڪري ڊي ايس پي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو

ڪنڊيارو: پوليس مقابلي ۾ گرفتار ڪيل زخمي شخص اسپتال ۾ داخل آهي

ٽنڊو آدم لڳ ميمڻ پوليس مقابلي ۾ زخمي حالت ۾ هڪ جوابدار گرفتار

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم بي سيڪشن ٿاڻي جي حد لاڏيي روڊ تي ميمڻ رستي لڳ مبينه پوليس مقابلي بعد پوليس هڪ جوابدار غلام نبي ولد محمد عرس ڪوري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندس قبضي مان هڪ پسٽل . گوليون 16500 پڙيون سفينه ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي جڏهن ته پوليس موجب سندس هڪ ساٿي امتياز عرف ملو

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

بيڇ ۾ تيل ڳولهيندڙ ڪمپني خلاف سڪرنڊ ۾ احتجاجي مظاهرو

سنڌ هاري پورهيت ڪميٽي پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

خيرپور صحافي اتحاد جو 27 آڪٽوبر تي ايس ايس پي آفيس اڳيان ڌرڻي جو اعلان

جروار ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف بلدياتي چونڊن جي بائيڪاٽ جو اعلان

ڪيمراٿي ڳوٺ صاف پاڻي، ڊرينيج، اسپتالن ۽ روڊن رستن کان محروم آهن: علائقي واسي

ڳوٺ مير خان گهوٽي، گلاب بوزدار ۽ ٻلو بوزدار جا رهواسي گندو پاڻي پيئڻ تي مجبور آهن

ميرپور ماٿيلو (ن ع) جروار ۽ اس پاس جي علائقن ۾ روڊ رستا صاف پاڻي ڊرينيج سسٽم ۽ ترقياتي اسڪيمون نه ملڻ خلاف علائقي واسين بلدياتي اليڪشن جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪري ڇڏيو صوبائي وزير محمد بخش خان مهر ضلع ڪائونسل چيئرمين ڪوبه واعدو وفا نه ڪيو آهي ڳوٺاڻن جون ڏانهون تفصيل موجب گهوٽڪي ضلعي جي چونڊيل نمائندن توڙي جو ضلع ڪائونسل چيئرمين بنگل خان مهر جي نااهلي سبب جروار ۽ آس پاس جي علائقن ۾ ترقياتي ڪم نه ٿيڻ خلاف گرڊيل ڏينهن جروار جي رهواسي غلام بوزدار ۽

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

دادو: ايم پي اي پير مجيب الحق ميونسپل جي فائر برگيڊ جي افتتاحي تقريب ۾ شريڪ آهي

ٽنڊوالهيار شهر ۾ سنوڪر گيم جي دڪان تان نوجوان جو لاش هٿ، هڪ ڄڻو گرفتار

منصور ڪالوني ۾ سنوڪر گيم جي دڪان تان 26 سالا نوجوان ارسلان احمد ولد عبدالحميد ڪشميري جو لاش مليو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي سول اسپتال منتقل ڪيو، ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي

اسان جي نوجوان کي قتل ڪيو ويو آهي، هڪ ڄڻي کي گرفتار ڪيو ويو آهي، ٻين کي گرفتار ڪيو وڃي: وارث

ٽنڊوالهيار (ذ ر) ٽنڊوالهيار شهر ۾ سنوڪر گيم جي دڪان تان نوجوان جو لاش هٿ. لاش اسپتال منتقل. ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي. لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام . هڪ ڄڻو گرفتار خبر موجب

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار: نوجوان ارسلان ڪشميري جو لاش دڪان ۾ پيل آهي ٻي طرف سنڌس حياتي جي تصوير

دادو ۾ باهه جي واقعن ۾ اضافو ٿيو، انگريزي فائر برگيڊ ضروري هئي: پير مجيب

فائر برگيڊ جي عملي کي جديد سامان ۽ آلات سان ليس هجڻ گهرجي

بلديات کاتو شهر جي ضرورتن مطابق مڪمل وسيلا ۽ مشينري فراهم ڪري

دادو(ذ ر) دادو شهر کي فائر برگيڊ جي نئين ۽ اسٽيٽ آف دي آرٽ جديد گاڏي ملڻ تي پيپلزپارٽي ضلع دادو جي صدر ايم پي اي پير مجيب الحق پاران افتتاح ڪندي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ حڪومت ، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه ۽ صوبائي وزير ناصر شاهه جو انتهائي شڪريو ادا ڪندي چيو ته دادو شهر ۽ مقامي آبادي ۾ مسلسل واڌ سبب باهه لڳڻ جي واقعن ۾ اضافو ٿيو آهي ، جنهن ڪري اها نئين فائر برگيڊ گاڏي وقت جي اهم ضرورت هئي. هن نشاندهي ڪئي ته شهر ۾ اڳ ۾ باهه

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

معروف سماجي ۽ ڪاروباري اڳواڻ طارق عباس خان جي وفات تي تعزيت

وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ سردار منظور خان ڪاڪاڻ پاران مرحوم جي پاڻ سان ڏک جو اظهار

آرٽس ڪائونسل سکر ۾ ساس طرفان ناميارو شاعر استاد بخاري جي ياد ۾ مشاعرو

سکر (بيورو رپورٽ) آرٽس ڪائونسل سکر ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر طرفان ناميارو شاعر استاد بخاري جي ياد ۾ مشاعرو ٿيو جنهن جي صدارت ...

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

بنوري ۾ سي آءِ اي پوليس جي دڪان تي چڙهائي خلاف احتجاجي ڌرڻو روڊ بلاڪ

عامر ديشي ميمڻ جي دڪان تي پوليس خلاف حيدرآباد-سجاول روڊ تي ڌرڻو، ٽريفڪ معطل

اڳوڻو سي آءِ اي انچارج جي مظاهرين سان ڳالهيون، غلطي تسليم ڪرڻ بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو

بدين ۾ زميندار جي زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو

سجاول: صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي جلسي کي خطاب ڪري رهيا آهن

حيدرآباد ۾ ٽورنس لوڊشيڊنگ ختم ڪرڻ لاءِ ٻين گرڊ اسٽيشنن ۾ اضافي پاور ٽرانسفارمر لڳائڻ جي ضرورت آهي: سيد وسيم حسين

جسڪو جا 79 عدد 11 ڪي وي فيڊر زيرو لوڊشيڊنگ تي منتقل، سهولت کي وڌيڪ علائقن تائين وڌائڻ لاءِ قدم کڻڻ جي ضرورت

ڊبل سورس 500 ڪي وي سسٽم ۽ ٽرانسفارمر ۽ نئين گرڊ اسٽيشن قائم ڪرڻ لاءِ اختيارين سان رابطو ڪيو ويندو

بجلي جي چوري روڪڻ لاءِ لاسز گهٽائڻ ۽ بل وقت سر ادا ڪرڻ جي اپيل

دادو ۾ استادن پاران جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڌرڻو

اسلام ڪوٽ ۾ سنڌي ادبي سنگت پاران پيرائي ڳاهي جي ورسي تقريب منعقد

اسلام ڪوٽ: مشاعري جي تقريب ۾ مهمان اسٽيج تي ويٺل آهن

ڪراچي: وڏو وزير سائين مراد علي شاهه سردار منظور خان ڪاڪو ۽ ٻيا ڪاروباري اڳواڻ طارق عباس خان جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪري رهيا آهن

ڪنڊيارو ۾ نوجوان استاد بابر علي هنگورجو جي قتل خلاف 50 ڪلاڪن کان جاري ڌرڻو ختم

رتوڪوٽ موڙ تي لڳل ڌرڻو ٽئين ڏينهن به جاري رهيو، مختلف سياسي سماجي اڳواڻن جي شرڪت

ڪنڊيارو سول جج محمد هاشم ٽونڪاٽي پاران واقعي جو نوٽيس، ايس ايس پي سانگهڙ کان رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم

ايس ايس پي سانگهڙ جي مظاهرين سان ڳالهيون، جوابدار گرفتار ڪرڻ جي خاطري بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو

ڪيرو: قتل ٿيل نوجوان جي وارثن سان پوليس عملدار وارثن سان ڳالهائي رهيا آهن

هالا ۾ پ ٽ الف پاران احتجاج، بلاول هائوس اڳيان ڌرڻي جو اعلان

استادن مطالبن جي مڃتا لاءِ ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو

فقير آباد جي ائن ڳوٺن ۾ مٺي پاڻي جي فراهمي بحال

عملدار پيٽرول پمپ تي پاڻي جي ڪلن ڪري رهيو آهي

ڪنڊيارو شهر ۾ صحت لاءِ ڪيميڪل واري هاجيڪار ڪير جو وڪرو

ٿرڪنگ خانگي اسپتال جي ڪيشئر کان ڏينهن ڏٺي جو هڪ ڪروڙ روپين جي ڦر

ڳوٺ ۽ سنڌ ورڪرز ٻنهي 88 ڪان وڏيڪ ٻيهر ٿي هندو جو معاملو

ٽارا ۾ 10 سالن کان اسپتال غيرفعال، ڪمشنر سکر نوٽيس ورتو

سکر ۾ بدين جي عدالت 20 مهينن دوران اين، منشيات جي بين تر پيو 3207 ڪيس ڪيا

بدين ۾ ٿيليسيميا روڪٿام ۽ عوامي آگاهي بابت سيمينار منعقد

ساڳيو: وڪيل برادري اڳواڻ شاهنواز وسير جي بحالي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

اوڙان اپريشن ۾ شهيد سپاهي نسيم احمد ميتلو جي جنازي نماز ادا

ادبي تنقيد زندگي جي ساٿي سوچ ۽ خاصين جي ذريعي ئي ممڪن

درگاهه شاهه عقيق تي ڪاروساز سانحي جي شهيدن جي ورسي موقعي تي جلسو

لاڙڪاڻو: هڪ ٻار گوڏن ڀر ويهي فارم ۾ ڪم ڪري رهيو آهي

بدين جي ٻن ضلعي تعليمي آفيسرن خلاف رپورٽ ٺيل معاملي جي جاچ لاءِ ڪميٽي قائم

اسلام آباد: هڪ نوجوان سڪيورٽي ڪاري جي ڪيبن کي رنگ ڪري رهيو آهي

لکي غلام شاهه ۾ سي شڪارپور جي سول اسپتال جي دوري، طبي سهولتن جو جائزو

ڪوروراهه ۾ درگاهه حضرت سومار فقير عرف بهار شاهه جي عرس تقريب

جيڪب آباد: پ ٽ الف پارن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين: پ ٽ الف پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.